# سنڌو لکت

(ميمورينڊم I ۽ II)

سڌانسو ڪمار راءِ
عطامحمد ڀنڀرو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# سنڌو لڪت

## (ميمورينڊم I ۽ II)

سڌانسو ڪمار راءِ

عطا محمد ڀنڀرو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2018ع

# فهرست


- ناشر پاران 5

**ميمورينڊم -I**

- مهاڳ 9
- لکت جا روايتي قدر 10
- سفارشون 11
- پيش لفظ 12
- سنڌو لکت 13
- مستشرقين جي خدمت ۾ هڪ گذارش 13
- جڳهه بچائڻ لاءِ طغرن جا مختلف طريقا 17
- الف ـ ب جي نشانين جي نکيڙ 21
- الف ـ ب جي نشانين جي اهميت 27

**ميمورينڊم - II**

- پيش لفظ 38
- ٻه اکر 42
- تعارف 44
- برهمي لکت بابت چارٽ 59
- ٽال ٽيبليٽس (گرامر اسڪول) 69
- لکت جو پيٽ وار اڀياس 73

# ناشر پاران

هن وقت ڏيهي ۽ پرڏيهي ڪيترائي ماهر سنڌو لکت جي پاڄ تي ڪم ڪري رهيا آهن. جن ۾ انڊيا ۾ راجيش ورر راءِ ۽ آسڪوپربولا جا نالا اهم آهن. ڏيهي اسڪالرن ۾ ڊاڪٽر الانا صاحب. سراج صاحب ۽ عطا محمد ڀنڀرو صاحب به هن سلسلي ۾ ڪافي ڪوششون ورتيون. سنڌو لکت تي ڪم ڪندڙ ماهرن هن لکت جي پڙهڻي بابت مختلف رايا ڏنا آهن. شايد ئي ڪي اهڙا اسڪالر هجن. جن جي راءِ هڪجهڙي هجي. اهوئي سبب آهي جو هن وقت تائين سنڌو لکت جي پاڄ جي حوالي سان ڪا مستند راءِ سامهون نه اچي سگهي آهي. انهن محققن مان هڪ سڌانسوڪمار راءِ به آهي، جيڪو هندستان جي قديم آثارن جو ماهر ۽ ڪرافٽس ميوزيم نئين دهلي سان وابسطا رهيو آهي. هن نه صرف هندستان ۾ تحقيقي ڪم کي جاري رکيو پر هن لاءِ ڪيس انگلينڊ به وڃڻو پيو. نه صرف ايترو پر وقت به وقت پنهنجي تحقيق پاڪستان، هندستان ۽ بنگلاديش جي آثار قديم جي ماهرن ۽ سنڌو لکت تي ڪم ڪندڙن سان ونڊيندو رهيو. هن پنهنجي اها تحقيق ٻن حصن ۾ ڇپائي پڌري ڪئي، هڪ ميمورينڊم-I ۽ ٻي ميمورينڊم-II جي نالي سان سامهون آئي. پهريون ميمورينڊم ڪجهه ننڍڙو آهي. جڏهن ته هڪ ڪتابڙو آهي ۽ ٻيو مڙئي ان کان سرس. محترم عطا محمد ڀنڀري هنن ٻنهي ڪتابن جو ڪافي سال اڳ سنڌي ۾ ترجمو ڪيو هو. اهي ترجمو ٿيل ٻئي ميمورينڊم اثارتي ۾ مختلف سببن ڪري مسودي جي صورت ۾ پيل رهيا. هنن جي ڇپائيءَ لاءِ ڪا به اڳڀرائي ٿي نه سگهي. جڏهن مون هن اداري جي واڳ سنڀالي ته اهي سڀ مسودا به مون آڏو آيا. جيڪي مختلف ڪارڻن جي ڪري ڇپجي نه سگهيا هئا. بهرحال مون انهن مسودن کي ڇپرائڻ جو ارادو ڪيو ۽ ڪوشش ڪري اهي سڀ اعتراض دور ڪيا، جيڪي هنن ميمورينڊم جي ڇپجڻ ۾ رڪاوٽ بڻيل هئا. اڄ مون کي

انتهائي خوشي محسوس ٿي رهي آهي جو اهي ٻئي ميمورينڊم-I ۽ II هڪ ئي جلد ۾ اثارٽيءَ ڇپرائي پڌرا ڪيا آهن. ڪوشش ڪئي وئي آهي ته پنهوري صاحب جا سنڌو لکت بابت ترجمو ڪيل ٻيا مسودا، جيڪي اثارٽي ۾ پيل آهن، ڇپرائي پڌرا ڪجن. اسان کي اميد آهي ته هي ڪتاب سيني محققن خاص ڪري سنڌو لکت تي تحقيق ڪندڙن کي فائدو ڏيندو.

20 آگسٽ، 2018ع
حيدرآباد، سنڌ.

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ
چيئرمئن




اصل انگريزي ڪتاب جي ٻاهرئين ڪور تي هڪ سڱي ڍڳي جي تصوير آهي، جيڪو ڪنگهي رهيو آهي. هي تصوير مهر نمبر MIC 19 تي آهي، جنهن کي وڏو ڪري ڏنو ويو آهي. ننڍڙي مهر تي موجود هن تصوير کي جڏهن فوٽو گرافيءَ وسيلي وڏائي وڏو ڪيو ويو ته هن جي طرز وڌيڪ چٽي ٿي پئي ۽ ان سان گڏ ٿيل لکت جي مفهوم سان بلڪل نهڪي بيٺل نظر آئي. هن مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته اهڙيون شيون تعليم سان لاڳاپيل هيون.ابتدائي تعليم وٺندڙ شاگردن کي هنن جي مدد سان گرامر سيکاريو ويندو هو. ڪلاڪار مهرن تي وفادار ۽ ڪمائتن جانورن جي مختلف حالتن ۽ عادتن جون تصويرون اڪيريندا هئا. جيڪي لکتوارا ڪاريگر جهٽ سمجهي سگهندا هئا. بعد ۾ اهي تصويرون لکت اُڪيرڻ وارن ڪاريگرن ڏانهن موڪليون وينديون هيون. اهي وري استادن جي هدايتن مطابق گرامر ۽ ٻوليءَ سمجهائڻ واسطي مٿن "عنوان" لکندا هئا. پوري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته موهن جو دڙو دنيا جو پهريون شهر هو جتي يونيورسٽي قائم ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ وهنجڻ جو وڏو تلاءُ ۽ ان جا پاڻدا موجود هئا. شايد هاسٽل جي اختياري وارن جي سهوليت واسطي قائم ڪيا ويا هئا.

# مهاڳ

هي ننڍڙو بروشر (ميمورينڊم-I) جيتوڻيڪ هڪ گذارش جي شڪل ۾ آهي، پر قديم آثارن جي موضوع تي لکيل ڪتابن ۾ هڪ اهم جڳهه والارينڊو چاڪاڻ تہ هن تصنيف ۾ اهي اثر پذير حقيقتون ظاهر ڪيون ويون آهن. جن کان هندستان جي تاريخ ورهين کان ناواقف هئي. هن ڪتاب هندستان جي هڪ قديم ثقافت جي ڪن لڪل حقيقتن تان راز وارو پردو سرڪائي پري ڪري ڇڏيو آهي. ڪيترن ڏهاڪن جي مطالعي ۽ سنڌو لکت جي وڇاڻي کوجنا کان پوءِ جونيئر فيلڊ آفيسر (ڪرافٽس ميوزيم) مسٽر سڌانسو ڪمار راءِ هڪ قابل ستائش محقق جيان گويائيءَ کان محروم اُن سنڌو لکت جي اکرن کي موزون معنيٰ ڏئي هزارن سالن جي اسان جي تاريخ کي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي، جنهن کي گذريل چاليهارو ورهين کان ڪير بہ پڙهي سمجهي ڪو نہ سگهيو هو.

مسٽر راءِ کي هن ڪم جي سلسلي کي جاري رکڻ واسطي سهڪار جي جيڪا بہ آڇ ڪئي ويندي، سا نہ رڳو سندس ڏاهپ، سچيتائيءَ ۽ اڻ ٿڪ پورهئي جي ميچتا طورهوندي، پر ان سان گڏ جنهن سچائي ۽ بهادريءَ سان هن ننڍي کنڊ جي بنيادي ٻولي کي سمجهڻ لاءِ جاکوڙيو آهي، تنهن جي بہ همت افزائي ٿيندي. مون کي ميمورينڊم-I جو مهاڳ لکندي ڏاڍي سرهائي ٿي رهي آهي، جنهن ۾ سنڌو لکت جي هڪ روايتي پهلوءَ جي چند چاڻ ڪري نتيجن کي عالمن جي آڏو رکيو ويو آهي. هن کان جلد ئي پوءِ ميمورينڊم- II لکيو ويندو، جنهن ۾ ٻوليءَ جي پيشوار چند چاڻ ٿيل هوندي

نئين دهلي
5 ڊسمبر 1963ع

اجيت مرڪجي
ڊائريڪٽر ڪرافٽس ميوزم
ٿاپر هائوس جنپٿ.

# لکت جا روايتي قدر

مهرباني، جو اوهان مون ڏانهن سنڌو لکت جي جوڙجڪ بابت پنهنجي ابتدائي اپياس جي هڪ ڇپيل ڪاپي موڪلي آهي. جنهن کي مان ڏاڍي ڏيان سان پڙهيو آهي، معلوم ٿئي ٿو تہ توڪن نشانين کي مرڪب سمجهي گهڻي ڪجهہ چند چارٽ ڪئي آهي ۽ اهڙي چارٽ هن تصنيف جي ابتدائي حصي مان ئي ملي وجي ٿي، توهيءَ ڳالهہ بہ بڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ هندستاني لکت جي طريقيڪار ۾ اهڙا اصول عام ۽ روايتي هوندا آهن. اهڙي ريت تو سنڌو لکت جي اپياس جي ڏس ۾ هڪ ڪم واري پيش رفت ڪئي آهي. جڏهن تنهنجي رٿيل منصوبي موجب چند چارٽ جا نتيجا ظاهر ٿيندا، جنهن جو موجوده ميموربنڊم-I هڪ ننڍڙو نمونو آهي تہ منهنجي خيال موجب سنڌو لکت جي گهڻن شاگردن جو پلو ٿي پوندو. تنهن ڪري مون کي پوري اميد آهي تہ تو جيڪو هن کان اڳ جاکوڙيو ۽ پورهيو ڪيو آهي، سو هن ڪم کي اڳتي وڌائڻ ۽ نتيجن کي شايع ڪرڻ واسطي گرانٽ منظور ڪرڻ جي ڏس ۾ آهر ۽ واهر ثابت ٿيندو.

لنڊن: 63_11_20

ڊاڪٽر سي. جي گئڊ، ايم اي ايف ايس اي، (برٽش ميوزيم جي، مصر ۽ آشور جي قديم آثارن جي شعبي جو اڳوڻو نگران)طرفان مڃتا جا بہ اکر.

# سفارشون

"مون کي پورو ويساھ آھي تہ ھيءَ ڪتاب بنيادي ۽ اھم آھي. ھن موضوع تي سندس ھي خيال نوان نڪور آھن. جيتري خود منھنجي ڄاڻ جو تعلق آھي، ھن کان اڳ ڪنھن بہ عالم ھن قسم جي کوجنا ڪا نہ ڪئي آھي. سرنديءَ وارا جيڪڏھن ھن کوجنا ۾ سندس سھائتا ڪندا تہ مون کي دلي خوشي ٿيندي ۽ ھن جي اھڙيءَ واھر لاءِ آءٌ سفارش ڪريان ٿو."

پروفيسر اي ايل بشم

لنڊن: 63_11_21

"توھان جي 13 نومبر واري خط ۽ سنڌو لکت تي لکيل مضمون موڪلڻ جي مھرباني. پڙھڻ کان پوءِ معلوم ٿيو تہ منجھس ڄاڻ جي اپٽار ڪيل آھي. ھن ڏکئي مسئلي کي حل ڪرڻ واسطي منھنجون نيڪ تمنائون ھميشہ لاءِ اوھان سان گڏ آھن. اميد آھي تہ توھان ھن کوجنا کي اڳتي وڌائڻ جي ڏس ۾ مالي مدد حاصل ڪرڻ ۾ ضرور سوپارو ٿيندين."(1)

ڊاڪٽر آءِ اي ايس ايڊورڊس

لنڊن:63_11_19

## پيش لفظ

سنڌو لکت جي ياج لاءِ جاکوڙ نہ رڳو هندستان جي قديم تاريخ واسطي ضروري آهي. پر علم لسان جي پيئوار اپياس واسطي بہ نهايت اهم آهي. تنهن ڪري اهو ضروري آهي تہ اهڙي اهم جاکوڙ کي جاري رکڻ لاءِ مناسب فنڊ مخصوص ڪيا وڃن.

مسٽر ايس ڪي راءِ هن لکت جي ياج جي اپياس لاءِ پنهنجو گهڻو وقت اربي ڇڏيو آهي ۽ يونيورسٽي ڪاليج لنڊن اچي مون سان ضروري صلاح مشورا ڪيا اٿس. مون کي پڪ آهي تہ هن سنڌو لکت واري ڳنڀير مسئلي تي نهايت مناسب طريقيڪار ڪتب آندو آهي. جيڪڏهن هو مالي مدد يا ڪنهن ٻئي سهڪار ۾ سهائتا سان هن اپياس لاءِ جاکوڙيندو رهيو تہ سنڌو لکت جي ياج جي ڏِس ۾ سندس هي اهم ڪارنامو هوندو."(2)

**ڊاڪٽر رئمنڊ او. فاڪنر**

مصر جي قديم ٻوليءَ جو ماهر ليڪچرار

فيلو آف دي يونيورسٽي ڪاليج، لنڊن يونيورسٽي.

واسطيدار اعليٰ اختياري وارا يا ڪي ٻيا ادارا هندستان جي قديم آثارن جي هن اهم شاخ جي کوجنا لاءِ ڪا مالي واهر ڪن. اها هڪ فطري ڳالهه آهي ته جڏهن هندستان جي ماڻهن ۾ اهڙيءَ جاکوڙ لاءِ ڪو اتساهه ۽ امنگ ڪو نه آهي ته مان به اهالي اهاٽڪو ٿي ويو آهيان. ان ڪري مان سمجهان ٿو ته هن جاکوڙ ۽ کوجنا جو سارو خرچ پکو مون کي ڀرڻو پوندو. هوڏانهن وري پنهنجا حال ڏيرا آهن. مان پنهنجي هيڻن حالن آهر هن موضوع تي سنه 1935ع کان وٺي جاکوڙيندو ۽ کوجنا ڪندو آيو آهيان ۽ اڳتي به جيڪر ڏاڍي خوشيءَ سان اهڙي تحقيق ڪندو رهان. پر هاڻي مان ڏٺي منجهي ٻيهي رهيو آهيان. پئسي جي اڻ هوند پيرن ۾ ڪُڙو ڪري ڇڏيا آهن. خاص طور تي جيڪا 1935ع کان اڄ تائين هندستان اندر ۽ برٽش ڪائونسل جي مدد سان مان آگسٽ 1963ع دوران انگلنڊ ۾ کوجنا ڪئي آهي، تن نتيجن جي مختصر جائزن کي تيار ڪري ڇپائڻ لاءِ به ڇئن ڏوڪڙن جي لوڙ آهي. اورينٽل ۽ آفريڪن اسٽڊيز اسڪول لنڊن جي پروفيسر اي ايل بشم مهرباني ڪري هڪ مشورو ڏنو ته جيڪڏهن منهنجي هنن تحقيقي ڪتابن تي انگلنڊ جي قديم آثارن جي مڃيل ماهرن پنهنجي راءِ جو سنو اظهار ڪيو ته اهو ڳهو چڙهي پوندو. تنهن ڪري مان لنڊن، ڪئمبرج ۽ آڪسفورڊ جي اهڙن چوٽيءَ جي ماهرن ۽ عالمن سان وچي خيالن جي ڏي وٺ ڪريان ۽ سندن ورتل راءِ هندستان سرڪار يا ڪنهن ٻين ثقافتي ادارن جي اهلڪارن جي سامهون پيش ڪريان ته ممڪن آهي ته هندستان جي اعليٰ عملدارن ۽ قديم آثارن جي ماهرن جي سنڌو لکت جي پاڄ جي ڏس ۾ اعتماد بحال ٿي سگهي. انهيءَ طريقي سان پروسي جو هڪ نئون وايو منڊل تيار ٿي ويندو، جنهن سان گرانٽ – ان ـ ائڊ ملڻ جو امڪان پيدا ٿي ويندو. جاڪاڻ ته سنڌو لکت جي پاڄ واسطي جيڪي مان خاص نوان طريقا اختيار ڪيان، تن کان کين آگاهه ڪيو ويندو ۽ انهن کي هن خفت کان به باخبر ڪيو ويندو ته اهو خرچ هن کوجنا جي ڪيل نتيجن جي اختصار کي تيار ڪري هڪ جائتو ڪرڻ ۽ شايع ڪرڻ جي ڪم آندو ويندو. اهڙيءَ ريت مان انگلنڊ جي قديم آثارن جي مڃيل ماهرن ۽ عالمن سان شخصي طور ملاقات ڪئي ۽ ڪيل خاڪن جي سهائتا سان کين پنهنجي اختيار

ڪيل ڪوجنا جي نئين طريقڪار کان واقف ڪيو. ان کان پوءِ باتصوير ميمورينڊم تيار رستي ڪين موڪلي ڏنو ساڳيءَ ريت ساري دنيا جي قديم آثارن جي برک عالمن کي هن "ميمورينڊم I" وسيلي ڪن اهم نڪتن بابت جاڻ ڏيڻ گهران ٿو ته جيئن اهي به انهن تي سوچن ويچارن.

مون کي پورو ويساهه آهي ته ڪن ٿورين ڳالهين کانسواءِ سنڌو لکت جي سڃاڻ بابت جيڪي سنڌڪي، گنڊ، سڊني سمٿ، لئنگڊن، جان مارشل، هنٽر ۽ پيٽري ويچار ونڊيا آهن. سي نهايت صحيح آهن. هنن عالمن هن مُنجهيل موضوع تي اينتري ته روشني وڌي آهي، جو چئي سگهجي ٿو ته انهن اسان کي بئنڪ مان پيچائڻ لاءِ خالي چيڪ صحيح ڪري ڏنو آهي. جڻ چوندا هجن "وڃو سنڌو – لکت ۾ اندر پيهي وڃو ۽ ان کي پڙهڻ شروع ڪيو". دنيا جي ٻين قديم خطن کان سنڌو- لکت وڌيڪ پاڳوان تحرير آهي. جنهن تي انگلنڊ جي جڳ مشهور عالمن ۽ مها ڄاڻن ڪوجنا ڪئي آهي. اهو چوڻ سراسر غلط آهي ته هنن مذڪوره لکت جي قدر مقرر ڪرڻ ۾ بي سوپا ثابت ٿيا آهن. انهن جي قائم ڪيل پاج جي نيمن کي وڌي سگهه آهي، جيڪي هڪ هڪ وشال ڪوجنا جي اوسيڙي اڪين جا اڪا پائي چوڏس وانجهائي رهيا آهن. مان ته انهن سڀني جي سونهن جي ڏسيل واٽ تي ڏيرج ڌاري ڪوجنا ڪندو رهيو آهيان.

30



536





خاڪو: هيءَ جڳهه ٻڌائڻ جي نقطه نگاهه کان طغري جي شڪل ۾ لکيو ويو آهي، جيڪو مهر نمبر 30 ۽ 536 تي موجود آهي. هنن ٻنهي طغرن ۾ ڪم آندل نشانيون مهر نمبر 87، 219 (ٻه ڀيرا)، 2196، 265 ۽ 98 ۾ موجود آهن، جيڪي سائين مينيول MIC حصو II ۾ ڏسي سگهجن ٿيون.



خاڪو II: هن خاڪي جي پهرين: سٽ ۾ بنگالي الف-ب جي "ڪ" اکر ۽ان جي تاڪيدي پڙهڻ Accented syllabs جي فهرست ڏني وئي آهي. ٻئي: سٽ ۾ بنگالي لکت جي ماترا cudex-vowel واريون تاڪيدي نشانيون ڏيکاريون ويون آهن، جن سان مٿئين "ڪ" جو پڙهڻ جُڙي پوندو آهي. ٽين: سٽ ۾ بنگالي اکر سان گڏ اينڊڙ ماترائن جو تفصيل آهي، جيڪي صحيح معنيٰ ۾ وينجن جون ماترائون آهن. مٿين اکرن جي صوتي قدرن ۽ ماترائن کي تفصيل سان پنجين سٽ ۾ ڏيکاريو ويو آهي. 6، 7 ۽ 8 سٽ ۾ هندي الف-ب جي "ڪ"، "ک" ۽ "گ" جو وچور ڏنو ويو آهي. 9 سٽ ۾ "ي" E جي بنيادي شڪل سان گڏ انگريزي ڊڪشنري مطابق جديد تاڪيدي شڪل جو تفصيل ڏنو ويو آهي.

II

## جڳهہ بچائڻ لاءِ طغرن جا مختلف طريقا

متي بيان ڪيل مها جاٽن جو ويچار آهي تہ ”.... اُڪير ڪرڻ وارا ڪلاونت جڳهہ گهٽ هجڻ ڪري پريشان هئا. تنهن ڪري سندن اڪريل نشانيون نہ رڳو پاڻ ۾ ڳتيل آهن، پر سمٽ، گڏيل MIC (ص 411) انهن ڳتيل نشانين جي ترقي يافتہ اوسر بابت ڪوجنا ڪئي آهي. جنهن مان پتو پيو تہ اهي ڳتيل قسم جون نشانيون طغرا آهن. مثال طور جيڪڏهن اڄ واري دور جي جديد پرنٽنگ پريس جو ڪمپازيٽر extunguish-ing, exterminating ۽ Visulig-ing جي پٺيان واري INC جو جڳهہ نہ هجڻ ڪري (سوڙهي لکڻ لاءِ) I.N.C جي جدا جدا ٽائيپن بدران هڪ طغرو لکندو تہ اسان ان تي ڪو الزام ڪو نہ ڏينداسون. موجوده دور ۾ جڳهہ بچائڻ لاءِ نشانين کي سوڙهو ڪري يا اختصار ۾ لکي ضرورت پوري ڪندا آهيون. ساڳيءَ ضرورت کي منهن ڏيڻ واسطي موهن جي دڙي وارن طغري کي ڪتب آندو هو. پر پنهي ۾ هڪ فرق موجود ڏسجي ٿو. معلوم ٿئي ٿو تہ هن لکت جي نشانين کي سوڙهو گهٽي يا اختصار ۾ لکي لفظن جو طغرو ڪو نہ جوڙيو ويندو هو. پر جيڪي نشانيون لفظ جوڙڻ ۾ ڪم اينديون هيون تن کي هِجي لاءِ پاڻ ۾ گڏي دت اکر Conjunct جوڙيو ويندو هو ۽ لفظ ۾ موجود سيني نشانين جو صوتي قدر ساڳيو رهندو هو. منجهس گرامر سان لاڳاپيل يا ڪا بہ اهڙي اهم ڦير ڦار ڪا نہ ايندي هئي. جهڙيءَ ريت هندستان جي لکت جي اکرن جي ميلاپ ”مرڪب“ جي آوازي خاصيت يعني صوتيہ ۾ هوندي آهي. هيءَ موضوع ٻوليءَ سان واسطو ڪو نہ ٿو رکي، پر موهن جي دڙي جي اکرن جي ٽائيپ جوڙيندڙ Scribe-compositer جي ڪاريگريءَ سان لاڳاپيل آهي.

188 465 221 59 454 552 28 173 552 135 547 458 50



خاڪو 3: هن خاڪي اندر ڪي وجڪشر ۾ انهن جون تاڪيدي نشانيون آهن، جيڪي موهن جي دڙي مان لڌل مٿين نمبرن وارين مهرن ۾ نظر آيون آهن. لکت جي هندستاني طريقيڪار موجب هتي نمبر تاڪيدي وجڪشرن کي ڄڳيءَ ريت سڃاڻي سگهجي ٿو، جيڪي ابتدائي پدن واريون يا الف- ب سان واسطو رکن ٿيون.




خاڪو 4: هن خاڪي ۾ ڪي اهڙيون وجڪشر root-signs ۾ تاڪيدي نشانيون آهن، جيڪي پڻ اُيين ليکن تي مشتمل آهن. هنن ۾ اُيين ليکن ڏيڻ ڪري وجڪشر جي شڪل صورت ۾ بيايپ ڪا نه ڏسبي ۾ اچي هندستان جي جديد مائرائن جيان هر اکر جي شڪل صورت مطابق ڏنيون ويون آهن.



# الف - ب جي نشانين جي نکيڙ

اسان کي دنيا جي قديم لکتن وسيلي اها ڄاڻ ملي ٿي ته لکڻ جو طريقيڪار ڪيترين ئي صدين تائين استقامت سان جميو هلندو رهيو آهي. لکت جو اهڙو نمونو وڏن مونجهارن ۽ ڏکيائين هوندي به اُسرندو ۽ ترقي ڪندو رهيو آهي. ان سان گڏ پنهنجي قديم دور واريون خوبيون ۽ خاصيتون پڇاڙيءَ تائين پاڻ ۾ رکندو آيو آهي. سر جان مارشل جو بيان آهي ته سنڌو لکت ۾ هي خاص ڳالهيون آهن. جن کيس بين سيني کان اُتم ڪري بيهاريو آهي. هيءَ گهڻ - اوصافي ۽ وسيع لکت آهي، هڪ پاسي هن اختراع پسندي ۽ تدبر سان تاڪيدي نشانين. خاص ليڪن ۽ بين ننڍين وڏين خصوصيتن ڪري پنهنجي مٿي بيان ڪيل خوبين ۾ اڃا به ڪيترا اضافا ڪيا آهن. ٻئي پاسي هن پنهنجي بنيادي نشانين کي پاڻ ۾ ملائي دت اکرن Conjuncts کي متعارف ڪرايو آهي، جن کي هندستان جي پوئين دور جي لکتن به پنهنجايو آهي. ٻيءَ ڪنهن به لکت ۾ اهڙن اصولن جو باترتيب ۽ اينترو گهڻو استعمال نظر ڪو نه ايندو (ڏسندا MIC-40) ان کان پوءِ وري سندس بيان هن ريت ڏسڻ ۾ ايندو "... بنيادي نشانين جي ڪن هڪجهڙاين مان هن ڳالهه جي پنيرائي ٿئي ٿي ته سنڌو لکت جون به خاصيتون ته نهايت اهم آهن ته منجهس تاڪيدي نشانين يا، اعرابن جو با ترتيب استعمال نظر اچي ٿو پيو ته هن ۾ به نشانيون ملائي دت اکر ٺاهڻ جي صلاحيت آهي. سندس اهي ٻئي خوبيون ايڏيون ته اهم آهن، جو توڙي جو نسل ۽ ٻولي بدلجي وئي، پر پوءِ به سندس هي قديم ايجادون صدين کان وٺي اڄ ڏينهن سوڌو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ موجود ڏسبيون (MIC – 41). اسان هيءَ حقيقت دليل ۽ حجت سان چئي سگهون ٿا ته هندستان ۾ ڪشمير کان وٺي راس ڪماريءَ تائين ٻئي پاسي کان آسام کان وٺي گجرات تائين لکت جو جيڪو به طريقو ڄاتيل آهي، تنهن جي ڪچي ٺڪي شروعات اڄ کان پنج هزار سال اڳ سنڌو- ماتريءَ ۾ ٿي هئي. جيڪڏهن اها حقيقت آهي ته هندستان جي لکت جي طريقيڪار مان هينيان به اهم اُهڃاڻ ضرور ملي ويندا.

(الف) ماترائن جي لڳاتار اضافن وسيلي مخصوص پدن جو جڙڻ ۽ هندستاني لفظن جي رسمي شڪل، وينجن جي ابتدائي ۽ غير ترقي يافته.



تن بنيادي نشانين جو ميلاپ آهي، جيڪي اڪيلي وينجن، اڌ ماترا/ نيم سر Semi vowel ۽ انهن جي اعرابن جي نمائندگي ڪنديون آهن. اهو صوتي اصول جي نقطهءِ نگاهہ کان وقت بچائڻ جو هڪ ايجاد ڪيل طريقيڪار آهي. جنهن جو مقصد جڳهہ بچائڻ نہ پر وقت بچائڻ آهي، جنهن ڪي هڪ پختي ارادي سان طغري monogram جي شڪل ڏني وئي.



خاڪو 8: هن ٽيبل ۾ سيڪوئي آواز Unilateral واريون الف-ب جون نشانيون ڏنيون ويون آهن. هنن ۾ ڪجهه سنڌي ٽاڪيري نشانيون خط- مستقيم واريون نشانيون ۽ ماترائو index vowel آهن. هڪ آواز وارين الف- ب جي سڀني نشانين کي ڪنهن خاص طريقيڪار جي مدد سان باقي نشانين کان نکيڙي ڌار ڪيو ويو آهي. اهو طريقيڪار هي آهي ته (1) سنڌي اصلي ابتدائي غير ٽاڪيري سڃاڻ (2) هندستاني لکت جي طريقي ۾ ترتيبي حيثيت جي اصول جي آڌار سان انهن جي بنيادي خاصيت کي ڳولي لڌو.

# الف ـ ب جي نشانين جي اهميت

هن مرحلي دوران جڏهن اسان الف ـ ب (يا ابتدائي پڙهڻ) وارين نشانين (خاڪو 8) کي صوتين ۽ تصوري (خاڪو 9) نشانين کان نکيڙي ڌار ڪري رهيا آهيون تہ پهريائين انهن جي اهميت کي ڳولي لهڻ نهايت ضروري آهي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن سنڌن آوازي قدرن جو صحيح نموني سان اندازو ڪري سگهجي. قديم آثارن جي کوٽائي ۽ کوجنائن مان مهرن جو تمام گهڻو تعداد هٿ لڳو آهي. پر اسان کي اها سُڌس ڪا نہ آهي تہ ڪهڙي آڳاٽي دور سان وا سطو رکي ٿي ۽ ڪهڙي پوئين دور سان واڳيل آهي. تنهن ڪري دور جي بنياد تي ڪنهن مهر تي کوجنا ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو پيو پائنجي. باقي مهرن جي ساخت جي سلسلن کي نظر ۾ رکي اهڙي تحقيق ڪري سگهجي ٿي. جهڙي ريت پيٽري Petrie مصر جي مهرن تي کوجنا ڪري خاص دور تصور ڪيو هو. هم اصل ۽ هم ترڪيب نشانين جي ارتقائي سلسلن تي کوجنا ڪرڻ وبل نهايت سُرت ۽ سڃينائي کان ڪم وٺڻو پوندو جيئڪي ڪيترين ئي مهرن تي نظر اچن ٿيون ۽ سنڌن واسطو الڳ الڳ دورن سان آهي. اهوئي اڪيلو گس آهي، جنهن وسيلي اصلي ذريعن (تصويري نشانين) تائين پهچي وينداسون. جتان اسان جي تجربي موجب اهڙيون نشانيون وقت جي ضرورت مطابق هوريان هوريان ارتقا ڪنديون رهيون آهن. اهڙي ريت خاڪو 10، هڪ اهڙو مثال آهي، جنهن ذريعي اسان کي پورو پتو پئجي وڃي ٿو تہ ڪهڙي ريت تصويري نوعيت جي نشانين اوسر ڪري الف – ب جي سولين ۽ سهنجين نشانين جي شڪل صورت اختيار ڪئي هئي. هي اهو ئي رستو آهي، جنهن وسيلي مان الف – ب جي نشانين جي اهميت جي پتي لڳائڻ ۾ ڪامياب ويو آهيان ۽ انهن کي مان هڪ ٽيڪنيڪل طريقي سان اڳئي نکيڙي ڌار ڪري چڪيو آهي. هاڻي اسان پوري ويساهہ سان چئي سگهنداسون تہ الف – ب جي پهرين خاص نشاني "تڏ" grass hopper يا ننڍي ٽپائيءَ stool تان ورتي وئي هئي. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ اهڙي نشاني نڪر جي ڪنهن ٿانو ڏڳي جي منڍي يا انساني ٻانهن جي جوڙي تان ورتي وئي هجي. اهڙيءَ ريت جنهن نشاني پنهنجي اوسر جي، اهڙي قسم جي خيال جي پٺڀرائي ڪئي آهي تہ ان نشاني تي بين الاقوامي قديم لکت جي عين اصول مطابق.

ضروري آهي. جيستائين اسان سندس انهن ڏيهي خوبين کان منهن موڙ ڪندا ايندا سين. تيستائين هن جي گهرائيءَ ۾ داخل ٿي ڪو نہ سگهنداسين.(3)

**حاشيا**

(1) سنڌو ماٿري جي لکت تي ٿيندڙ تحقيق تي ايندڙ امڪاني خرچ پکي لاءِ "انڊين انسٽيٽيوٽ آف ايجپٽالاجي" جي آنرري سيڪريٽري ڊاڪٽر اي ڪي راءِ. ايم. بي. بي. ايس. 50 سروجن مارڪيٽ، نئين دهليءَ سان لکپڙهہ ڪرڻ گهرجي.

(2) مصنف جو نوٽ: قديم مصر جي موضوع جي ڏس ۾ دنيا اندر فقط آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ماهر آهن. انهن منجهان بہ اهڙا عالم تمام ٿورا آهن. جن کي وري مصر جي قديم لکت ۽ ٻوليءَ جي ڄاڻ هُجي. ڪو ماڻهو اهڙي عالم سان ڪنهن منجهيل مسئلي تي هڪ ڊگهو بحث ڪو نہ ٿو ڪري سگهي. جيڪو پاڻ بہ ڪنهن دقيق تحقيق جي مونجهاري ۾ وچڙيل آهي. خوش قسمتيءَ جي ڳالهہ اها آهي جو مون کي ڊاڪٽر فاڪنر جهڙي ماهر عالم جي رهبري نصيب ٿي وئي. جنهن يونيورسٽي ڪاليج جي هلندڙ امتحانن دوران مهرباني ڪري پنهنجو قيمتي وقت مون کي ڏنو. مان مصر جي قديم لکت ۽ ٻوليءَ جي ان ماهر جو هتي شڪريو ادا ڪريان ٿو. مان برطانيا ۾ رهڻ واري عرصي دوران هندستان جي قديم آثارن، لکت ۽ ٻوليءَ جي مختلف مها ڄاڻن سان ملاقاتون ڪيون هيون. انهيءَ لاءِ تہ جيئن سنڌو لکت تي ٿيل هن تحقيق جي صحت کي پرکي سگهجي. مان هن معاملي تي ڊاڪٽر فاڪنر جي بيان کي هتي ورجائڻ چاهيان ٿو. جنهن کي هندستان جي اينٿروپالاجي جي ماهر جي. ايچ هٽن جي مٿي ڪيل سفارش سان گڏي پڙهڻ کپي. جيڪو منهنجي لاءِ جڻ مبارڪباديءَ جو پيغام آهي. سندس ٻولي هن ريت آهي. "هن معنيٰ ڪيڻ واري مسئلي کي حل ڪرڻ واسطي جيڪو طريقيڪار تو ڪتب آندو آهي. تنهن مان لڳي ٿو تہ سنڌو لکت تي تحقيق ڪندڙ سيني اڳين عالمن کان وڌيڪ

سوپارو ٿيو آهين. پورو ويساهه اٿم، مڪمل سوپ تائين ڪوجنا جي هن ڪم کي جاري رکيو ايندين.“ جي. ايچ. هنٽن، نيو ريڊنر، ويلس 1963-9-16ع.

(3) هن ميمورينڊم ڇپائڻ جو اهو مقصد آهي تہ جيئن هن تحقيق ۾ جيڪو طريقيڪار ڪتب آندو ويو آهي، تنهن جي دنيا جي ماهرن ۽ عالمن کي جاڻ ڏيڻ کپي. هن ننڍي تصنيف ۾ ڪنهن وچور جي جڳهہ ڪا نہ آهي جو هن کوجنا ۾ پنهنجن تجربن ۽ ڪڍيل نتيجن کي تفصيل سان ٻڌائي سگهان ۽ اهڙي جواز ڏيڻ جي بہ ضرورت ڪا نہ آهي، پر اهڙو فيصلو ضرور ڪيو اٿم تہ پڃاڙيءَ ۾ پڙهندڙ جي عام معلومات لاءِ خاڪي 8 ۾ ڏنل نشانين جا ٿورا تفصيل ٻڌايان. نشاني نمبر 1 ڪ k آهي. B-1 ۾ جي تاڪيدي نشاني ڏني آهي ۽ اهو ڪَ ka ٿي پئي آهي. نمبر 2 ۾ ڪ (هہ) k(h) آهي. نمبر 3 ۾ سخت اچار وارو ڪ (هہ) K(h) آهي. نمبر B-3 ۾ نمبر 3 واري نشانيءَ جي ٻي شڪل آهي. نمبر 4 ۾ ماترا index vowel الف a آهي نمبر 5 ۽ B-5 ۾ ماترا الف a آهي. نمبر B-6 ۾ نمبر 6 واري نشاني جي خط مستقيم واري شڪل آهي. نمبر 7 ۾ B-6 واري w کي تاڪيدي نشاني آهي. نمبر 8 ۾ چ C(h) آهي، نمبر 9 ۾ د D ، نمبر B-9 ۽ C-9 ۾ نمبر 9 واري نشانيءَ جي تاڪيدي شڪل آهي. نمبر 10 ۾ ڏ D(h) نمبر 11 ۾ سر آوازي e نمبر 12 ۾ گ. B-12 ۾ نمبر 12 واري نشاني جي خط مستقيم واري شڪل آهي. نمبر 13 ۾ گ جي ٻي شڪل نمبر 14 ۾ هہ (h)، نمبر 15 ۾ ر R، نمبر 16 ۾ ر/ل L/R نمبر 17 ۾ ت هہ T(h) نمبر 18 م ڍ D(h)، نمبر 19 ۾ ج J نمبر 20 سر آواز (ماترا) ai نمبر 21 نيم سر آواز om، نمبر 22 ۾ ي I نمبر 23 خط مستقيم وارو ن N، نمبر 24 ۾ ماترا اَئِين ain نمبر 25 ۾ ماترا اِئي iie، نمبر 26 ماترا اِي ie، نمبر 27 ۾ ڪ يا ق Q، k، نمبر 28 ۾ م M، نمبر 29 ۾ ج (هہ) جهہ J(h) ، نمبر 30 ۾ ف، نمبر 31 ۾ ر R (سخت آواز واري) نمبر 32 پد ٿ Ta، نمبر 32_B ۾ نمبر 32 جي خط مستقيم واري شڪل يعني وڏي ت T، Cartinental ، نمبر 33 ۾ ن N

باني NI نمبر 34 ۾ M نمبر 35 ۾ پ P، نمبر 36 ۾ ھ h، نمبر 37 ۾ س S، نمبر 38 ۾ س S، نمبر 39 ۾ ش Sh، نمبر 40 ۾ س S، نمبر 41 ۾ ٿ T، نمبر 42 ۾ و V، نمبر 42_B ۾ نمبر 42 واري نشانيءَ خطـ مستقيم واري شڪل، نمبر 43 ۾ Y/Z، نمبر 44 ۾ ن N، نمبر 45 ۾ ماترا اي ei، نمبر 46 ۾ ن N نمبر47_ھ h(a)، نمبر 48 ۾ و (ھ) v(h).

پورو ٿيو

# سنڌو لکت

ميموريندم- II

سنڌانسو ڪمار راءِ جونيئر فيلڊ آفيسر،
ڪرافٽس ميوزيم، آل انڊيا هينڊيڪرافٽس بورڊ
نيو دهلي

# INDUS SCRIPT

(Memorandum No. 2)




Junior Field Officer, Crafts Museum,
All India Handicrafts Board, New Delhi



NABA NIKETAN

[illegible] New Delhi-3




خاڪو 36: بدڪ جي چوڏاري نڪتل ليڪي مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته اهو شاهي نالي جي چوڏاري نڪتل بيضوي طرز جو خاص نشان آهي، جيڪو راجا زسارڻ (93-MIC) کي اعزاز طور ڏنو ويو هو. شاهي نشان وارو گول دائرو ۽ ان جي ٻاهران "z" جهڙي ور وڪڙ اکر مان ان راجا جي دور جو پتو پئجي وڃي ٿو ته سنڌس تعلق 3000 ق م سان هو. گول دائري اندر به "z" جهڙي ور وڪڙ نشاني آهي، جيڪا "y" آواز جي قدر جي نمائندگي ڪري ٿي.(96-MIC)

# پيش لفظ

هيءَ بروشر بہ ميموريندم -I جهڙو آهي، جيڪو قديم آثارن جي موضوع سان لاڳاپيل ڪتابن ۾ هڪ اهم اضافو ٿيندو. هن ڪتاب ۾ انهن مکيہ ڳالهين کي کولي ظاهر ڪيو ويو آهي، جن لاءِ هندستان جي تاريخ ورهين کان پاتاڙيل هئي. هن تصنيف هندستان جي تعليم ثقافت جي ڪن اهم حقيقتن تان راز وارو پاتال پردو سرڪائي پري ڪري ڇڏيو آهي. ڪيترن ڏهاڪن جي اڀياس ۽ سنڌو – لکت جي وڃائتي کوجنا کان پوءِ ڪرافٽس ميوزم جي جونيئر فيلڊ آفيسر مسٽر سڏانسو ڪمار راءِ هڪ قابل ستائش محقق جيان، گويائي کان محروم ان سنڌو-لکت جي معنيٰ ڏئي، هزارن سالن جي اسان جي تاريخ کي بچائي ورتو آهي. جنهن کي گذريل چاليهارو سالن کان ڪير بہ پڙهي ڪو نہ سگهيو هو.

مسٽر راءِ کي هن ڪم جي سلسلي کي جاري رکڻ لاءِ سهڪار جي جيڪا آڇ ڪئي ويندي سان نہ رڳو سندس ڏاهپ ۽ سچيتائي ۽ اٽڪ پورهئي جي مڃتا طور پر ان سان گڏ جنهن سچيتائي ۽ بهادري سان. هن ننڍي ڪنڊ جي بنيادي ٻوليءَ کي سمجهڻ واسطي جاکوڙيو آهي، تنهن جي همت افزائي ٿيندي.

مون کي ميموريندم- II کي متعارف ڪرائيندي هڪ سچي سرهائي ٿي رهي آهي، جيڪا علم السان جي پيتوار اڀياس جي موضوع سان واسطو رکندڙ هڪ اهم تصنيف آهي.

7 جون، 1965ع

اجيت مُکرجي
ڊائريڪٽر، ڪرافٽس ميوزيم
ٿاپر هائوس، جنپت، نئين دهلي




خاڪو 35: مهر نمبر MIC–409 ۾ لڪشمي ديويءَ جو نالو لکيل آهي. جنهن جي هِجي لڪي Lkkie آهي. لفظ جي پڇاڙي ۾ آخري پڇاڙي طور ڊگهي ماترا اڪار ikāra ڪتب آندل ٿي ڏسجي. حقيقت ۾ اها اِءِ i ۽ اِي E سر آوازن جي بدلي صورت آهي. MIC – 458 ۾ ٽِوَ–ٽ–ل–ڪي يعني پوٽ –لڪي اهو به لڪشمي ديوي جو نالو آهي، جيڪا ماڻهوءَ کي ڊگهي عمر عطا ڪندي آهي. MIC – 467 ۾ ڪو–ل ل– ڪي لکيل آهي، جنهن جو مطلب آهي، ڪنهن خاندان جي لڪي lakkie ديوي. MIC – 431، بَئي – ني – آ– را– ل ل– ڪي -BAi-Ni-Ā-Ra LL-KKia يعني ڌنڌي ۾ برڪت وجهندڙ لڪي ديوي. هندستان ۾ لڪي ديويءَ (موجود نالو لڪشمي ديوي) جي مٽين نالن جي اڄ به پوڄا ڪئي ويندي آهي. مڇيءَ جهڙي نشاني ل جي نمائندگي ڪري ٿي، جنهن جي وچ ۾ ترڇي ليڪ

منهنجي لاءِ اها بہ فخر جي ڳالهہ آهي تہ هن ڏس ۾ مون گريٽ برٽن جي هنن ڏاهن ماڻهن کان بہ آئي ويل هدايتون حاصل ڪيون آهن. جهڙوڪ مسٽر سي. جي گئنڊ. پروفيسر جي. ايچ هٽن. پروفيسر اي ايل بشم. ڊاڪٽر آر. او. فاڪنر. پروفيسر ڊبليو. بي. ايمري. ڊاڪٽر آءِ. اِي ايس. ايڊورڊس. ڊاڪٽر اي بيور. ڊاڪٽر ايچ سڱس. ڊاڪٽر ايف. آر. آلچن. ڊاڪٽر سي. اين. هٽمنڊروف. پروفيسر ايف. اي زينر. مسٽر جي. بورڊمئن. مسٽر جان اِرون. مسٽر ڊبليو. جي آرچر ۽ مسٽر ڊي اِي بئرٽ سان ڪن منجهيل مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪري. ڪلڪتي يونيورسٽي جي عالم. مِس گوري چوڌري کان بہ گهڻو ڪجهہ سکيو جيڪا پڻ ويدڪ سنسڪرت جي لنڊن يونيورسٽيءَ جي شاگردياڻي آهي.

ڊاڪٽر ڪاليداس ناگ. پروفيسر ايم. ايل. سونڏيہ ماڌوري سونڏي. سائين آدرش بئنرجي. پروفيسر ڊي بي گهوش. پروفيسر وي. ايس. اگروال ۽ پروفيسر اي ايس. دانيءَ جو بہ شڪر گذار آهيان. جن تبصرن ۽ مشورن سان نوازيو. زوڊياڪ پريس جي عملي جا ڳڻ بہ ڳائڻ وٽان آهن. جن منهنجي هن ڪتاب ڇاپڻ ۾ وڏي دلچسپي ورتي هئي. سائين اين. گوها. سائين اين. اين. گهوش. سائين ايس. ديب. ڪمار جهرنا مترا. سائين پرسنت. سائين مانچند ۽ سائين پروجل دت جا ٿورا بہ ڪي ٿورا ڪو نہ آهن. جن هن ڪتاب جي مختلف مرحلن تي هر سهائتا ڪئي. هن کان علاوه سنسڪرت جي شاگردن جا بہ آڀر احسان جن هن ڪتاب ۾ شلوڪ جي ڪمپوزنگ ڪئي.

ايس. ڪي. راءِ

20 جولاءِ 1965ع
ڊي جي. 817۔وِيناءِ نگر
دهلي۔3

## پراڪر

ڊاڪٽر ريمنڊ او. فاڪنر
مصر جي قديم ٻوليءَ جو ماهر ليڪچرار
فيلو آف دي يونيورسٽي ڪاليج، لنڊن يونيورسٽي

سنڌو لکت جي پاڄ لاءِ جاکوڙ نہ رڳو هندستان جي قديم آثارن لاءِ ضروري آهي. پر علم لسان جي پيتوار ابياس لاءِ بہ نهايت اهم آهي. تنهنڪري ضروري آهي تہ اهڙي جاکوڙ کي جاري رکڻ لاءِ مناسب فنڊ مخصوص ڪيا وڃن.

مسٽر ايس. ڪي. راءِ هن لکت جي پاڄ جي ابياس لاءِ گهڻو وقت ارپي ڇڏيو آهي ۽ معاملي تي خيالن جي ڏي وٺ لاءِ يونيورسٽي ڪاليج لنڊن ۾ اچي مون سان مليو هو(1) مان پوري وشواس سان چئي سگهان ٿو تہ هن محقق سنڌو لکت واري مسئلي تي نهايت مناسب طريقيڪار ڪتب آندو آهي. ناٽي يا ڪنهن ٻيءَ سهائتا وسيلي جيڪڏهن هيءُ اورچ ماڻهو هن موضوع تي جاکوڙيندو رهيو تہ سنڌو لکت جي پاڄ جي سلسلي ۾ سندس اهو ڪم نهايت اهم هوندو(2).

اي! ماکيءَ جهڙي منڙي جيڀ واري ديوي، مون سان ڳالهاءِ.... مان وري بہ توکي ٻاڏايان ٿو. ڪنول گل تنهنجا پير آهن، جيڪي فقط پوڄا لاءِ آهن..... مان تنهنجو پوڄاري جيڪڏهن موڳو بہ آهيان تہ ڇا ٿي پيو. تون ائين ديا ڪري پنهنجي نفاست ۽ نزاڪت وسيلي مون کي بچاءِ جيئن تون مهرباني ڪري والميڪ جي چپن تي لٿي هئينءَ. اهڙي ريت جيئن تون ان وقت اچي ڪنول گل تي وهندي آهين، جڏهن گهاٽي جهنگ اندر سانهہ پکي پنهنجي جوڙيوال سان لاڏ ڪوڏ ڪندو آهي ۽ شڪاري ان کي ڪان سان گهائي وجهندو آهي، مون کي يعني پنهنجي داس ۽ وينتي ڪرڻ واري کي پنهنجي رُتبي مطابق ڪا ڏات ڏي، جيڪو هن جڳ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تنهنجون ساراهون ڳائيندو ٿو وتي. جيڪڏهن تون وِهہ واري وڻ کي ڇُهين تہ سهڻو چندن وڻ بڻجي پوي. اي ماتا انسوس! ڇا مون کي ايتري ساري سگهہ آهي. جو تنهنجن هيڏين سارين عنايتن جي تعريف ڪري سگهان.

ماءُ سيني پٽن مان ٻُٺَ ۽ موڳي پٽ سان وڌيڪ پيار ڪندي آهي. اي هن جڳ جي سخاوتن کي چمڪائڻ واري اڄ ۽ منهنجي دل ۾ ويهہ........ پوءِ مان هن اهم

موقعي تي هڪ شاندار گيت چوندس، جيڪو تنهنجي مڌر اُهاءَ ۾ ٻُڏل هوندو، هيٺ لهي اچ ۽ مون کي اچي اُتساهه ڏي

اي آڪاشواڻي اپسرا، آءٌ تنهنجون تعريفون ڪريان ٿو تنهنجو تصور ٻه ڪيڏو نه منٺو آهي، (هتي اچي) پنهنجو شاندارمانارو جوڙ۽ دنيا کي هن سوادي امرت مان مزو وٺڻ ڏي

مائيڪل ماڌو سوڌن دت (1824_73)

(شري اومناٿ پٽ چاريه بنگاليءَ مان ترجمو ڪيو)

## تعارف:

*Under the grove of Simula trees* **(Simaialla-vana-a)**
*The bull* **(basa)** *chews cucumber (?)* **(kakadhata-chima-a)**
*While guards of the Union Government* **(Bairakkidana)**
*Are eating pān* **(pāna-khaisuda)** *and snarling* **(khakha-a)** *at times!*
*—A reconstruction from the Indus-valley inscriptions.*

(ترجمو : سمائلا وڻن Simaialla-Vana-a جي جُهڳٽي هيٺان ڏاند (basae) چمپا (ڪڪڙن چيمئہ) کائي رهيو آهي. تنهن ڪري سرڪار جا ڪامورا (بئرڪڪيڏن). پان کائن ٿا (پايہ کائيسو) ۽ رکي رکي ڇڙٻون (کاکئہ) ڏين ٿا.)

ميمورينڊم-I پهرين آگسٽ 1963ع تي ڇپجي پڌرو ٿيو جنهن ۾ منهنجي اختيار ڪيل سنڌو لکت جي پاڄ جي طريقيڪار سڄي دنيا جي مستشرقين جو ڌيان ڇڪائي ورتو هو. روم جي پروفيسر گيوسپ ٽيوسي تاريخ 5 فيبروري 1964ع تي پنهنجي خط ۾ هن ريت لکيو آهي: "مان. سنڌو لکت تي لکيل تنهنجي دلچسپ مقالي تي توکي داد ڏيان ٿو. هن اپياس جي کيتر ۾ اوهان جيڪو عالمانہ اضافو ڪيو آهي. تنهن تي آءٌ اوهان کي واڌايون ڏيان ٿو ۽ اوهان لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪريان ٿو" مون کي پروفيسر ٽيوسي جي خط جو حوالو ڏيندي انهيءَ ڪري خوشي ٿئي ٿي جو ساري دنيا جي مستشرقين جي چيل لفظن کان سندس خط متاهون آهي. جن مون کي واتين وِٺي يا خط لکي مبارڪون ڏنيون آهن. انهيءَ کان پوءِ منهنجي دل کي ڌڊ ۽ آٿت مليو تہ شروعات مڙوئي چڱي ٿي آهي(1) وري انهيءَ ڪري ڌک بہ ٿيو تہ علم لسان جي قديم فڪر جي ڪن هندستاني پنڊتن پنهنجي ڪاوڙ جا ڇوهہ بہ ڇنڊيا. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ منهنجي پهرئين ميمورينڊم جي اهميت کي سمجهڻ جي ڪين پروڙئي ڪا نہ پئي هئي. آرٽ جي هڪ هندستاني پروفيسر ڳاڙهو منهن ڪري رڙ ڪندي مون کي چيو هو تہ "توکي ڪنهن ٻڌايو تہ مهرن ۾ گنجائش نہ هئڻ ڪري نشانين کي اُکيرڻ ۾ ڪجهہ مشڪلات درپيش هئي." مان سائنس بحث ڪو نہ ڪيو پر ڊاڪٽر جنگ Dr. jung جيان دل کي آٿت ڏنم ۽ پڪ

هيم تہ پروفيسر صاحب کي هن معاملي ۾ مون جيتري ڄاڻ نہ آهي. اهڙي ماڻهوءَ سان بحث ڪرڻ ٺيڪ اجايو آهي. جنهن اڄاڻ تائين سر جان مارشل جي ڪتاب "موهن جو دڙو ائنڊ انڊس سولائيزيشن" جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو ئي ڪو نہ آهي. جيڪو ٽن جلدن تي مشتمل آهي. مون کي اهو بہ احساس ٿيو تہ پروفيسر نہ MIC جي پليٽن کي سوچ ۽ شرت سان اکين مان ڪڍيو آهي نہ وري مارشل ۽ سندس ٻانهن ٻيلي مئڪي لئنگڊن، سمٿ ۽ گئڊ جي لکيل سنڌو لکت جي متن جي هڪ سِٽ ٺي کيس ڪا ياد آهي. مان هيءَ ڳالهہ ٻي ڏڙڪ چئي سگهان ٿو تہ ميمورينڊم نالي وارا منهنجا ٻئي ڪتاب MIC جي ٽنهي جلدن تي تبصري جي حيثيت رکن ٿا. ڇاڪاڻ تہ منهنجو اهڙو تبصرو ۽ تنقيد مٿين پنجن عالمن جي ڪڍيل نتيجن تي بيهاريل آهي ۽ انهن کي سمجهائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي آهي. جن ماڻهن انهن مها ڄاڻن جي لکيل ڳالهين کي هنيانءَ سان نہ هنڊايو آهي. تنهن کي منهنجو تبصرو سمجهہ ۾ ڪو نہ ايندو ۽ اها هڪ فطري ڳالهہ بہ آهي.

جنهن ماڻهوءَ کي سنڌو لکت جي پوري ڄاڻ نہ هوندي، تنهن کي ان جي پاڃ جي اصول، لکت ٿيل مختلف مواد جي سمجهائڻ واسطي ڪڍيل چارٽ ڪيئن ڏيان ۾ وهندا. پر اهو عالم جنهن هن لکت تي هڪ ڊگهو عرصو کوجنا ڪئي هوندي، تنهن کي هي منهنجو تحقيقي ڪتاب ضرور فائديمند ڏسڻ ۾ ايندو. ميمورينڊم ـ I ۾ ضرور خاميون بہ هونديون. پر ان هوندي بہ هن لکت جي روايتي قدرن تي هڪ نئين روشني وڌي وئي آهي، جنهن کي سِنڌ ـ ساڃهہ Indologists جي هندستاني ۽ پرڏيهي عالمن بہ گهڻو ساراهيو آهي. اوپر پاڪستان جي پشاور يونيورسٽي جي قديم آثارن واري شعبي جي سرواڻ پروفيسر اي ايس. داني هن ربت پنهنجا ويچار ونڊيا آهن. "پامفليٽ جنهن کي ميمورينڊم I سڏيو وڃي ٿو. سو سنڌو لکت جي سمجهاڻيءَ جي ڏس ۾ هڪ مختصر جائزو ۽ تحقيقي مقالو آهي. گئڊ، سڊني سمٿ، لئنگڊن ۽ هنٽر جي سنڌو لکت جي نشانين کي تلسيم ڪرڻ واري ابتدائي ڪوشش کان پوءِ مسٽر راءِ اسان جي ڄاڻ ۾ واڌارو ڪيو آهي ۽ سنڌو لکت جي نشانين جي جوڙجڪ ۾ مختلف

ترڪيبي جزن بابت معلومات فراهم ڪئي آهي. چند چاڻ واسطي هن جيڪي نيم ڪم آندا آهن. سي قديم لکت جي اصولن سان نهڪي بيهن ٿا. مان سندس خيالن سان سهمت آهيان ۽ سندس تحقيق ڪيل سنڌو لکت جي نشانين جي جوڙجڪ ۾ موجود ٻن اصولن کي قبول ڪريان ٿو جيڪي هي آهن (1) اصلي نشانين ۾ طرز تاڪيد accentuations جي موجودگي (2) ٻن يا ٽن نشانين جو مرڪب Combination. مان انهن ٻنهي اصولن جو پنهنجي تصنيف جي هڪ باب ۾ به ذڪر ڪيو آهي. (انڊين پئليو گرافي- آڪسفورڊ 1963ص 19) منهنجي اهڙي چند چاڻ قديم آثارن جي کوٽائي ۽ کوجنا تائين محدود هئي، چاڪاڻ ته مون کي سنڌو لکت تي تحقيق ڪرڻ لاءِ ايڏو وقت ڪو نه هو. هن ڏس ۾ مسٽر راءِ ڪاميابيءَ سان تفصيلي ڪم ڪيو آهي. سُجاڻ جوڳن جانورن ۽ ٻين شين تي موجود لکت جي آڏار تي نشانين جي سڌريل صورت جي اوسر يا ارتقا جي عمل ڏانهن به چٽا اُهجاڻ ڏنا آهن. جيتري قدر هن مرحلي جو تعلق آهي ته اُهو اسان جي اهڙيءَ چاڻ کان به وڌيڪ ترقي يافته نظر اچي ٿو.(2)" پروفيسر داني کان پوءِ مسٽر سي. جي گئنڊ پنهنجي عالمانه راءِ جو اظهار ڪيو آهي. جيڪو سنڌو لکت تي تحقيق سان لاڳاپيل پهرين مها چاڻن مان هڪ آهي. سندس لکيل به ٻول هن ريت آهن. "تو مون ڏانهن سنڌو لکت جي ساخت سان لاڳاپيل ڇپيل تحقيقي مقالو موڪليو آهي، تنهن لاءِ مهرباني. مون ان جو تنقيدي مطالعو ڪيو آهي. نظر ائين اچي ٿو ته هنن نشانين تي مرڪبن جي صورت ۾ ڪجهه وڌيڪ چندچاڻ ڪئي وئي آهي ۽ اصول مطابق اپياس ۽ تبصرو ڪيو ويون آهي. مقالي جي شروعات واري حصي مان ئي مون کي اهڙو احساس ٿي ويو هو. تو اسان کي هن حقيقت کان به آگاهه ڪيو آهي ته اهڙا اصول هندستان جي لکت جي طريقيڪار ۾ اڄ به موجود آهن. اهڙيءَ ريت هن لکت جي تحقيق ناتي تو هڪ بهترين پيش رفت ڪئي آهي. مان هنن سنڌو لکت جي ماهرن جا حوالا انهي ڪري ڏنا آهن، چاڪاڻ ته ميموريندم -I ۾ دنيا جي مشهور قديم ٻولين جي ماهرن جا حوالا آندا ويا آهن. جن هندستان کي هن لکت جي حوالي سان خراج تحسين پيش ڪيو آهي. جنهن اڄ کان پنج هزار

سال اڳ لکڻ پڙهڻ جي هڪ روايت شروع ڪئي هئي، تنهن ڪري پڙهندڙن لاءِ اهو ضروري آهي تہ اهي هن لکت جي روايتي قدرن کان ضرور واقف ٿين. نہ تہ ڪين هن لکت جي سانت کي سمجهڻ ڏکي ڳالهہ ٿي پوندي. هندستان جي روايتي لکت جي طريقيڪار جي آڌار تي ئي موهن جي دڙي جا بند ٿيل دروازا کلي سگهندا ۽ هن ڪانسواءِ ڪو بيو رستو بہ ڪو نہ آهي. تنهن ڪري هتي مان هي ڳالهہ ورجائڻ نهايت ضروري ٿو سمجهان تہ پڙهندڙن جي سهوليت لاءِ ميموريندم -I ۾ درج مکيہ حقيقتن تي مختصر بحث ڪريان.

مان هندستان ۾ دلچسپي رکندڙ ماهرن جو ڌيان هڪ اهم حقيقت، ماترا index vowel جي طريقيڪار ڏانهن ڇڪايو آهي. جيڪا سنڌو لکت جي نشانين ۾ اصلاح ۽ تبديليءَ جو ڪارڻ هوندي آهي، سنڌو لکت ۾ ڪن ماترائن جو يڪسان استعمال نظر اچي ٿو. جيڪو پڙهندڙ کي اڳواٽ خبردار ڪري ڇڏي ٿو تہ هن لکت ۾ ڪي الف ب واريون نشانيون بہ موجود آهن (ڏسو: خاڪو 6) ڊاڪٽر وي ايس اگروال هندستان جو هڪ وڏو عالم آهي، جنهن پنهنجي راءِ جو هن ريت اظهار ڪيو آهي. "مان هندستان جي قديم لکت جي ياچ لاءِ هن بي مثال تحقيق تي توکي واڌايون ڏيان ٿو. جنهن جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ڪو هلڪو اهڃاڻ بہ ڪو نہ رهيو آهي. هن لکت، توکان پهريان ڪيترن ئي عالمن کي پريشان ڪري رکيو هو. آس اٿم تہ جنهن نئين طريقيڪار وسيلي نشانين جي دٿ اکرن conjunct ۽ ماترائن Index vowels جي موجودگيءَ کي ڳولي لهڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهين. تهڙيءَ ريت مهرن واريءَ ليبل label کي بہ پڙهڻ ۾ ضرور سوپارو ٿيندين."

جيڪڏهن واڀو وڻن جي سڃاڻ ۾ ڏاهو ۽ سوڙو هوندو تہ گهاٽي ٻيلي مان بہ چندن وڻ ڳولي گهر آڻيندو. ساڳئي ريت اسان کي بہ سنڌو لکت جي گهاٽي ٻيلي مان ان جي الف -ب يا الف - ب جي رڪن نشانين کي سڃاڻڻ کپي. مون هن ڳالهہ جو اڳئي اشارو ڏئي ڇڏيو آهي تہ لکت جي تاڪيدي accented نشانين جي سلسلي مان غير تاڪيدي Un-accented نشانين کي الف ب جي رڪنن جي خصوصيت طور سڃاتو ۽ سمجهيو وڃي، جيڪي قديم الف ب جي

رڪنن جي جاءِ تي هندستاني الف ب جي رڪني مجموعي جي قديم علم حروف جي ضابطن ۾ اصولن جيان، ٻين نشانين سان ملي دت اکر يا عطف جوڙيندا آهن. مثال طور هنديءَ جو (ڪ क्र ) آهي. جيڪو ٻين هندي ماترائن index vowels سان ملي، پنهنجا نوان تاڪيدي سلسلا ٺاهي وٺندو آهي. جهڙوڪ: ڪ، ڪِ कि ڪي को، ڪُ कु، ڪُو कू، ڪو के، ڪو कै، ڪي का، ڪئي कौ وغيره. اهڙي ريت الف - بي جي ٻين نشانين سان ملي عطف ٺاهيندو آهي، جهڙوڪ: ڪ+س=ڪس، ساڳيءَ ريت سنڌو ماتريءَ جي لکت جي تاڪيدي نشانين غير تاڪيدي نشانيون بہ موجود آهن. جيڪي ميموربنڊم I جي خاڪي نمبر 3 ۾ ڏنل آهن ۽ روايتي اصول مطابق ٻين بنيادي نشانين سان ملي دُت اکر يا عطف ٺاهينديون آهن(ڏسو ميموربنڊم-I جو خاڪو نمبر 7) تنهن ڪري اُنهن نشانين کي فقط الف ب جون نشانيون سمجهڻ گهرجي. جيڪڏهن وڏيڪ کوجنا ڪبي تہ هن نشانيءَ جي سلسلي مان هڪ شاگرد کي هندستان جي هن قديم لکت مان الف ب جون ڪي اهڙيون دريافتي نشانيون Detector بہ ملي وينديون، جن جي آڌار تي ٺهيل دت اکر معلوم ڪري سگهبا.

ڪن ماهرن هن لکت ملڻ وقت ئي سنڌس روايتي خاصيت ڏانهن بہ ڌيان ڏنو هو پر اُن کي صحيح نموني سان بيان ڪرڻ جي ڪوشش ئي ڪا نہ ڪئي وئي هئي. اُن جو ڪارڻ اهو هو تہ پروفيسر لئنگڊن پنهنجي ٺاهيل فهرست ۾ سنڌو لکت جي نشانين جو تعداد 288 ٻڌايو هو تنهن ڪري ٻانيو ائين پئي ويو تہ هي لکت الف ب alphabetic اصول مطابق نہ پر بند رڪنن جي مجموعي closed syllabory جي شڪل ۾ آهي. علم لسان جي هڪ مشهور ماهر پنهنجي راءِ جو هن ريت اظهار ڪيو آهي تہ "جيئن تہ سنڌو ماتريءَ جي هن لکت کي تمام گهٽيون نشانيون آهن، تنهن ڪري هي کليل پدن (جهڙوڪ: ڪا، ڪي ، ڪُو) واري نہ پر بند پدن (جهڙوڪ: कम = क + म ڪاڪ، ڪيڪ، ڪوڪ) واري لکت هوندي" (3) اسان سمجهون ٿا تہ اهڙو مفروضو حقيقت تي ٻڌل ڪو نہ آهي. روايتي طور هندستان جي هن آڳاٽي لکت کي الف ب ۾ پراڻي syllabic خاصيت آهي، جهڙوڪ: ڪ क ڪَ क ۾ هڪ غير محرڪ dormant حيثيت

الڳ ڪرڻو پوندو، جيڪڏهن هو ائين نہ ڪندو تہ ان لکت جي حيران ڪندڙ شڪل صورت ڏسي وائڙو ٿي ويندو.

تعداد فيصلا ڪن عنصر آهي تہ پوءِ سنڌو لکت بہ هن حساب سان اوپري ڪا نہ ٿي لڳي، ڇو تہ سندس نشانين جو انگ فقط 288 آهي. اسان ڄاڻون ٿا تہ ٻن سر آوازن (Oi ۽ Ei) جا ميلاپ عام قسم جا "مرڪب" آهن، جيڪي گهڻو ڪري ٻن سر آوازن جي گڏجڻ سان جڙي پوندا آهن، پر انهن کي اسان ڳولي ڪيئن لهون؟ ڪين ڳولي لهڻ انهيءَ ڪري ممڪن آهي جو الف ـ ب جي نقطهءِ نظر کان اسان هنن ٽنهي O ، E ۽ A جون بنيادي شڪليون چٽيءَ ريت سڃاڻي وٺندا آهيون ۽ ڪين سندن آجي ۽ نجي حالت ۾ لکڻ ۾ ڪتب آڻيندا آهيون، جيڪو ماڻهو هنن ٻنهي سر آوازن جي ميلاپ جي ترڪيبي جزن ۽ انهن جي غير وابستہ non commented صوتي قدرن کان ڄاڻو نہ هوندو تہ سمجهندو تہ اهي ٻئي مرڪب مختلف قسم جون بہ ڦٽيون آهن. جيڪي قديم دور جي ڪنهن ڪلاڪار ليکي ڇڏيون آهن. ساڳيءَ ريت جڳهہ بچائڻ لاءِ ليڪيل ظُفرو وقت بچائڻ لاءِ جوڙيل عطف ۽ سنڌو لکت جي نشانيءَ جي سڌاريل شڪل ڪنهن قديم ڪلا جو مثال ڪو نہ آهن (جهڙوڪ: ماڻهو جو لسي ڪٽي وڃڻ، ماڻهوءَ جو ٻتي جهلي ويهڻ يا ماڻهوءَ جو لڪڻ جي آڌار تي گهمڻ وغيرها) پر اهي خاص علامتن ۽ اظهارن وسيلي گراماريءَ نقطهءِ نگاهہ ۽ عدد جو اظهار آهن. انهيءَ سبب ڪري مون هن ڳالهہ جو ميمورينڊم-1 ۾ اظهار ڪيو آهي تہ اپياس جي شروعات ۾ ئي سنڌو ماتريءَ جي مهرن تي نظر ايندڙ مرڪبن يعني ڏُت اکرن (عطفن) جي ترڪيبي جزن جي بنيادي ۽ اصلي شڪل صورت کان ماڻهو ضرور چڱيءَ ريت واقف هئڻ کپي. حقيقت اها آهي تہ سنڌو لکت جي الف ـ ب جي مختلف عطفن، نہ سمجهڻ ڪري عالم هن لکت ۾ اندر گهڙي وڃڻ بدران ٻاهر ئي رڪجي بيهي ويندا آهن.

اسان کي هن ڳالهہ جي احساس هئڻ کپي تہ هن لکت جي نشانين کي الف-ب يا "الف ـ پ ـ پدي" جهڙا قدر آهن، جن کي تصويري يا تصوري معنيٰ ڏيڻ ڪانسواءِ مختلف لفظن جي هِجي ۾ ڪتب آندو ويندو آهي. مثال طور پاڻ

جي پن جي تصويري لکت پان جي پن ڏانهن "تصوري" اشارو ڪو نہ آهي. جيڪو هندستاني ماڻهو سپارين جي ڪاتر سان گڏ چٻاڙيندو وتندو آهي، پر اهو پان pãn يا پانڻ pãna جي آواز جي نمائندگي ڪندو آهي ۽ هن پن کي هندستاني انهيءَ نالي سان اُچاريندا آهن. جنهن سان الف-ب جي نشاني الف "a" جو امتزاج هوندو آهي. ان ڪري هن لفظ جي هجي پانءَ-ءَ pãna-a يا پانيہ pãnaya ٿي وبندي آهي. جنهن جي معنيٰ آهي "پِتَڙُ". هتي "پان" کي باتني جي نقط نظر کان نثو ڏٺو وڃي. پر ان جي نالي کي خاص صوتي قدر آهي. خاص طور تي دت اکرن تي (عطفن) وارين ڏنگيون ڦڏيون نشانيون آهن. جيڪي عالمن جو غير وابستگي وارن حقيقي صوتي قدرن کان پنهنجي ظاهري ڪُوڙيءَ معنيٰ ڏانهن وڌيڪ ڏيان ڇڪائينديون آهن. اهي ادراڪي نشانيون sense_signs نہ پر آوازن واريون نشانيون Sound- signs آهن. سو اڄ تائين اسان اهڙن مونجهارن جي ور چڙهندا رهيا آهيون. جيڪڏهن ڪو عالم سمجهڻ لاءِ هن قسم جي ترڪيبي جزن کي الڳ الڳ ڪندو تہ علم لسان جي خالص ۽ مضبوط بنيادن وٽ اچي بيهندو. اسان کي هيءَ ڳالهہ بہ ياد رکڻ گهرجي، تہ جيڪڏهن اسان کي وِجڪشر root- sign جي ساڃهہ نہ هوندي تہ اسان نشانين جي مها جار ۾ وچڙي ڦاسي ويندا سون. موجوده دور ۾ جيڪڏهن "پاٽيٽي" جٺرو هجي ها تہ سنڌو سيپيتا جي ٻوليءَ لاءِ هيٺين شلوڪ کي "وِجڪشر کان خبردار ٿيو" جي عنوان سان پنهنجي ويا ڪرڻ ۾ ضرور شامل ڪري ها.

सर्वमोहं परित्यज्य सर्वद्वन्दं विहाय च,  पुराजानी युक्तवर्ण मुक्तवर्णे विचारयेत्.।
(संधिसेयं लिपिर्यत्र वर्णबीजं)  यथा ज्ञानतपस्विना मेहग्रन्थिर्विमुच्यते.॥

معنيٰ: "گڏيل نشانين conjoint-signs جو مجموعي قدر ان جي ترڪيبي جزن جي انفرادي آوازن جي خاصيت مطابق ڪٿيو ويندو آهي. قديم لکت جي ماهرن کي جڳائي تہ ڪيترين ئي ڏکيائين هوندي بہ دت اکرن Conjuncts ۾ موجود بنيادي ۽ اصلي نشانين کي ڳولي لهڻ لاءِ جاکوڙين ۽ ٻين نشانين کي ائين پري اڇلائي ڇڏين. جيئن ساڌو سنياسي هن ڪوڙي جڳ کي ٻن ڏئي فقط خدا جي ڳولا ۾ جُنبيل رهندو آهي."

مون ميموربنڊم- I ۾ هن حقيقت ڏانهن واضح اشارا ڏنا آهن تہ موهن جي دڙي جا ماڻهو لفظ جي هجي ۾ الف-ب جي نشانين سان گڏ اهي "تصويري" نشانيون بہ ڪتب آڻيندا هئا. جن کي غير وابستگي وارا پدي

قدر Non committed values هوندا هئا. جن جو نظر ايندڙ تصويري نشانين جي معنيٰ سان، ڪو لڳ لاڳاپو ڪو نہ هو. تنهن ڪري ان بنياد تي سندن آواز جي قدر لاءِ پرجهڻ پروڙڻ بلڪل اجايو آهي. ڪڏهن اهو بہ زمانو هو جو مصر جي



| | | | |
|---|---|---|---|
| *The old pandit (Sanirāmurthy), while crossing the road,* | *expired (as a result of) snakebite on his leg;* | *the snake was (also) hammered to death* | *by an angry youngman (chhokrā) of New Delhi !* |

قديم تصويري لکت کي نظر ايندڙ تصويري قدر مطابق ائين پڙهندا هئا، جهڙي ريت هيٺ ڏنل خاڪي ۾ ڏسجي ٿو:

هڪ ڪراڙو پنڊت "سيز آرٿي" رستو پار ڪري رهيو آهي. سندس ڄنگهہ ۾ نانگ چڪ هنيو ۽ هو مري ويو. ساڳئي وقت نانگ کي بہ ڏڪ هڻي ماريو ويو ۽ نانگ کي نئين دهليءَ ۾ هڪ نوجوان ڇوڪري ماري وڌو.

اڄ اسان تصويري خط جي صوتي قدرن کان پوريءَ ريت واقف آهيون ۽ هاڻي ڪو بہ ماڻهو مٿئين تصويري معنيٰ جيان لکت کي سمجهائڻ جا جتن ڪو نہ ڪندو. هتي ڄنگهہ ۽ نانگ ٻئي آواز جون نشانيون آهن. جيڪي ٻن اڪيلن "ب" ۽ د/ڊ وينجن جي نمائندگي ڪن ٿيون.

"الف-ب" ۽ "پدي- الف-ب" جي دريافت ٿيڻ کان پوءِ مصر جي قديم تصويري لکت جي پڙهڻ ۾ بيڪسر انقلاب اچي ويو. علم لسان سان لاڳاپيل سنڌو لکت جون سمجهاڻيون پنهنجن خوبين خاصيتن ۾ تصويري خط جي سمجهاڻين کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ ڪو نہ آهن. ارڙهين صدي جي مصر جي قديم آثارن جي ماهرن جيان اسان بہ سنڌو سڀيتا جي "تصويري خط" کي غلطيءَ وچان علامتي نشانيون Symbolical signs سمجهيو هو ۽ سوچيوسين

پٺي کيس صوتي خاصيت ڪا نہ آهي، جيتري قدر سنڌو لکت جو تعلق آهي تہ اسان اڃا تائين champolion کان اڳ واري دور ۾ رهي رهيا آهيون.

ڊاڪٽر ارنيسٽ ڊوبل هوفر Dr. Ernest Dobalhofer جي ڪتاب "وئاسِس اِن اسٽون" (ص 305- 306) جو مثال ڏيندس، جنهن ۾ هن MIC جي مهر نمبر III تي نظر ايندڙ لکت جي نشانين بابت پروفيسر ميريگي Prof. Meriggi جي نشانين سمجهائڻ جو حوالو ڏنو آهي (ڏسو: خاڪو نمبر 2)

ميريگي جي سمجهاڻيءَ مطابق اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو تہ نشاني نمبر 1 مڪئي جي نمائندگي ڪري ٿي، نشاني 2 هڪ آفيسر، نشاني 3 چوڪڙي lozenge جهڙي آهي، جيڪا ميز جي نمائندگي ڪري ٿي، جيڪا نشاني نمبر 4 جي هيٺان ڏسجي ٿي. نشانين جي هن سلسلي مان ڊاڪٽر ڊوبل هوفر اسان کي هڪ الهامي معنيٰ هن ريت ٻڌائي ٿو. "هڪ سرڪاري عملدار جي رڌڻي لاءِ اناج" هن مان هيءَ حقيقت ظاهر ٿئي ٿي تہ اهو مفهوم نظر ايندڙ تصويري نشانين مطابق آهي، پر آوازن جي قدرن موجب نہ. پيو تہ نهيو پر اهو شڪ





362 ۾ آخري نشاني جي شڪل بہ ڏسجي ٿي. هن حالت ۾ اهم ڳالهه اها بہ آهي تہ ماترا index vowel وچڪشر جي ڪلهي تي نظر اچي ٿي. نشاني نمبر 1 غير تاڪيدي نشانيءَ طور MIC مهر نمبر 188 ۽ نمبر 125 ۾ بہ موجود آهي ۽ ان سان گڏ ٻين بہ ڪيترن مهرن ۾ هڪ ترڪيبي جز جي صورت ۾ ڏسجي ٿي. نشاني نمبر 3 پنهنجي انهيءَ بنيادي صورت ۾ مهر 71 MIC ۽ 86-FEM ۽ 665 ۾ نظر ايندي آهي ۽ MIC مهر نمبر 127, 157, 183, 338 ۾ هڪ ترڪيبي جز جي شڪل ۾ موجود ڏسجي ٿي. جيئن تہ نشاني نمبر 1 بنيادي نشاني جي تاڪيدي شڪل آهي، تنهن ڪري اڪثر طور ڪيترين ٻين وچڪشر سان ملي ڏُت اکر جوڙيندي آهي، هو پنهنجي هم جنس تاڪيدي سلسلن سان هڪ پائيوار جي حيثيت سان تعلق رکندي آهي. مان ان کي الف- ب جي هڪ سڏريل نشاني سمجهندوآهيان، جنهن جي مدد سان کليل پد open syllable جڙي پوندو آهي. نمبر 3 الف-ب جي بنيادي alphabetic-rudiment نشاني ۽ ان سان گڏ ابتدائي پد proto syllable بہ آهي. چاڪاڻ تہ اها پنهنجن تاڪيدي سلسلن accented series جي غير تاڪيدي un accented بنيادي شڪل آهي، جيڪا پنهنجي اصليت واري خصوصيت ڪري ٻين وچڪشرن سان ملي ڏُت اکر conjuncts ناهيندي آهي. نمبر 2 جنهن کي آفيسر سڏيو ويو آهي. سو ضرور الف ب جي اکر يا لفظ جي نمائندگي ڪندڙ ٻتو يا ٽيڻو گفتاري آواز آهي، جيڪو برابر برابر ملائي رکيل juxtapose نشانين (نمبر1 ۽ نمبر 3) جي آوازن سان سهڪار Co-operation ڪري ٿو. اصول موجب الف ب جي اکر يا حرف جي نمائندگي ڪندڙ آواز ٻين نشانين سان ملي نہ ڏُت اکر ناهي سگهندو آهي نہ وري تاڪيدي سلسلا جوڙي سگهندو آهي. اهڙيءَ ريت ٻين نشانين ۾ پنهنجي هڪ آجي ۽ نجي حيثيت برقرار رکندو آهي. تنهن ڪري ان کي بند پد Close syllable سمجهيو ويندو آهي. نشاني نمبر 4 ڄڳهہ بچائڻ جي نقط نگاهہ کان ناهيل هڪ طغرو آهي،جيڪو ٻن مختلف نشانين جي ملڻ ڪري ٺهجي پيو آهي. ان نام نهاد ميز table جو مٿيون پاسو الف- ب جي هڪ لفظ جي نمائندگي ڪندڙ هڪ آواز (بندپد) جي حيثيت رکي ٿو جنهن جو ذڪر نمبر 2 جي ناتي مٿي ڪيو ويو آهي. ميز جو هيٺيون پاسو جنهن ۾ ميز جون ڄنگهون هڪ ٻئي کي ڪپينديون ڏسجن

اهڙن سٽن خاڪن ڪان وانجهيل ڏسبا. مثال طور ميموريندم- ا جي خاڪي نمبر 3 ۽ 5 ۾ درج ٿيل نشانين جو سلسلو هر وپير وڪولڪيل ۽ صحيح ڪونہ آهي. هر هڪ بنيادي نشانيءَ واسطي، نشانين جي مختلف شڪلين جا خاڪا بلڪل مڪمل هئڻ گهرجن. انهيءَ لاءِ تہ جيئن پڙهندڙ کي ڪنهن خاص نشاني جي الڳ الڳ حالتن ۾ جدا شين، چرپر ۽ مختلف ڪارجن جو چڱيءَ ريت پتو پئجي سگهي.[۹]

# برهمي لکت بابت ڄاڻ

هندستان ۽ ولايت جي ڪيترن عالمن اشارو ڏنو آهي تہ هندستان جون روايتي لکتون جهڙوڪ بنگالي، هندي، گجراتي، اوريہ، تيلگو، تامل، ڪنڊا، مليالم ۽ بيون برهمي لکت مان نڪتل آهن، جيڪا مهاراجا اشوڪ ٽين صديءَ قبل مسيح ڌاران ٿلهن ۽ نڪرين تي لکرائي هئي. مان بہ اهڙن عالمن سان ڪن منجهيل مامرن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي آهي. بوهلر ۽ اوجها بہ اشوڪ لکتن کان متاثر ٿي اهڙن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. جيڪڏهن حقيقت ائين آهي تہ پوءِ ڪهڙيءَ ريت صديون پوئتي وڃي مٿي بيان ڪيل لکتن کي سنڌو سڀيتا جي ان قديم لکت سان واڳجي، ڪو زمانو هو جو هندستان جي تاريخ، سڪندر جي حملي کان پوءِ سمجهڻ ۽ لکڻ شروع ڪئي ويندي هئي. سنڌوء لکت جي لاڌ Discovery کان پهريائين ڪي عالم جهڙوڪ بوهلر ۽ اوجها پنهنجي تصنيفن ۾ هن ڳالهہ تي زور ڏيندا هئا تہ هندستان جون سيئي روايتي لکتون برهمي مان ڦٽي نڪتيون آهن. جهڙيءَ ريت اسان سڪندر ۽ هندستاني تاريخ واري تصور کي ڇڏي ڏنو آهي. تهڙي ريت اسان کي هندستاني لکتن جي برهميءَ سان لاڳاپي واري اصول کي بہ ترڪ ڪرڻو پوندو. حقيقت اها آهي تہ سنڌو لکت، غير ڌرمي ڪاروباري برهمي سان گڏ هندستان جي سيني ڏيهي لکتن جو ڏاڏو آدم آهي. اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ سنڌو لکت جي پاڇ ۾ جيڪا مون کي ڪاميابي ٿي آهي، سا برهمي الف۔ ب جي نشانين جي آهر ۽ واهرسان ٿي آهي، جن کي مان سنڌو لکت جي نشانين سان برابري ۾ رکي اپياس ڪري ڏنو (ڏسو خاڪو 6، 7 ۽ 8). هنن خاڪن وسيلي مان گهڻ کان پردي سرڪائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ هندستان جون سيئي روايتي لکتون سڌيون سنئون سنڌو لکت جون جڻيون آهن، پر برهمي، مليہ وهڪري کان ٽري موريا گهراڻي جي راجائن جي ڌرمي فڪر ۽ سياست جو وسيلو بڻجي وئي. امڪان آهي

تہ ان جي شروعات مهاتما گوتم ٻڌ کان ٿي هجي. جنهن پنهنجي ڌرم جو پرچار ان دور جي ڳالهائي ويندڙ ٻوليءَ ۾ ڪيو هو ڇا ڪيس هن ڪي سولي ٻولي ٻڌائڻ جو خيال ڪو نہ آيو هوندو؟ "موريا" پهريون حڪمران گهراڻو هو. جنهن هندستاني سامراجيت جو بنياد رکيو هو ۽ گوتم کان ٻہ ٽي سؤ سال پوءِ هن ٻوليءَ مان سياسي فائدي وٺڻ جا جتن ڪيا هئا. پروفيسر اي ايل نهايت صحيح تبصرو ڪيو آهي تہ ان جي اوسر ۽ ترقي ۾ "ڪوشش" جو ٻہ ڪجهہ حصو آهي. (6) ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ ٻڌ ڌرم جي پرچارڪن ۽ سرڪاري ڪامورن. موريا شاهي جو سرپرستي هيٺ برهمڻن جي لکت کي نئين سر نظرثاني ڪري برهمي لکت جو روپ ڏئي عوام ۾ متعارف ڪرايو. جنهن جو مقصد ڌرمي- سياست کي اڳتي آڻڻ هو. راجا اشوڪ هن خيال جو هو تہ ٿلهن ۽ ٺڪرين تي اڪريل هن جي لکت کي ٻنا ڪنهن ڌرمي ڀيد ڀاءُ ۽ رنگ نسل جي فرق جي سنڌس ملڪ جو هر ماڻهو پڙهي. ان ڪري قديم لکت مان هڪ سهنجي ۽ سولي لکت کي اڳتي آندو ويو. ان دور ۾ اها برهمڻ ٻولي ڏاڍي ڳنجهيل ۽ ڏکي هئي. ان جي ڀيٽ ۾ نظرثاني ٿيل لکت عام ماڻهوءَ جي سمجهہ لائق هئي. موريا گهراڻي جي راجائن مختلف طبقن ۽ نسلن ۾ ڌار ڌار ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن کي هندستان جي هڪ سرڪار جي سڳي ۾ پوئي ڇڏيو. تنهن ڪري برهمي درباري لکت بڻجي وئي. جيڪا ملڪي ڪاروباري نقطہ نگاهہ کان مستحڪم ۽ مستقل صورت اختياري وئي. هن کي هندن ٻدران ٻڌ ڌرم وارن جي لکت چئجي تہ وڌيڪ مناسب ٿيندو. جيڪا ٻڌ ڌرم جي زوال کان پوءِ متروڪ ٿي وئي. سندس نظرثاني وڏيءَ جاکوڙ سان ڪئي وئي هئي. تنهن ڪري هن روايتي لکت جي بنيادي شڪل گهٽجي تمام مختصر ٿي وئي هئي. (ڏسو خاڪو 1 ۽ 2). هيءَ برهمي لکت هندن جي روايتي لکت جي ترقيءَ ۽ اوسر واسطي هڪ وڏي سگهہ ثابت ٿي. جيڪا ڪنهن زماني ۾ اڪثر برهمڻن جي سهاري هيٺ فقط انهن علائقن ۾ ساهہ کڻي رهي هئي. جتي رگو هندو آباد هئا. ٻڌ ڌرم جي زوال سان ڪيس اڀرڻ ۽

ايرڻ جو سونهري وجهہ ملي ويو (ڏسو خاڪو 8 ۽ 9) اهو نڪتو اجا بہ وڌيڪ تڏهن نروار ٿي وڃي ٿو جڏهن برهمي لکت اندر وينجن کي ليڪ ڏئي منجهس تاڪيدي نشاني ظاهر ڪئي وڃي ٿي. اهڙيءَ نموني جي پيٽوار اپياس لاءِ سنڌو ماترڪيءَ جي قديم لکت ۽ هندستان جي روايتي لکت کي (تاڪيدي طريقن سان گڏ) هڪ خاڪي ۾ ٻيهارجي ٿو (ڏسو خاڪو 6) هن خاڪي تي نظر وجهڻ سان هڪ ماهر کي هڪدم معلوم ٿي ويندو تہ سنڌو لکت جو تاڪيدي سلسلو. برهمي لکت کان وڌيڪ هندو لکت جي تاڪيدي سلسلن ۾ بدرجہ اُتم موجود آهي، جتي ليڪ ڏيڻ وارو غير انفرادي طريقو نظر ايندو آهي. برهمي لکت ۾ ليڪ ڏئي تاڪيدي نشانيءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي، جنهن کي پنهنجي خاص معنيٰ آهي، جيڪي کابي کان ساڄي طرف موڙو ڏئي لکيون وينديون آهن. روايتي لکت جي نقطہ نگاهہ کان سنهي ليڪ Rair-stroke کي تاڪيدي نشاني ڪو نہ سمجهيو ويندو آهي. هن قسم جي نشانين کي پنهنجي نمايان صورت هوندي آهي ۽ هنن کي سنڌو لکت ۾ ماترائن index vowel جي بلڪل ويجهو ۽ چٽو ڪري لکيو ويندو هو (ڏسو خاڪو 6) حقيقت اها آهي تہ اهي سندن روايتي فطري جانشين آهن، ان جي ابتڙ برهمي جي ماترا ڏانهن اشارو ڪندڙ ليڪ 'lick' هڪ ڦرندڙ گهرندڙ نشاني آهي. جنهن جو واسطو موريا گهراڻي جي دور سان آهي. هن دور جي فن ۽ ڪلام ۾ دوگلائپ جو گهڻو اثر هو. تنهن ڪري اشوڪ دور جي برهمي لکت تي شاهي لکڻهارن جي سياست جو گهڻو اثر دخل ڏسجي ٿو. ان هوندي بہ برهمي کي هندستان جي وچين دور جي لکت هئڻ ڪري پنهنجي انفراديت ۽ اهميت آهي، جنهن کي پڻ ضرور ميڃڻو پوندو. هن لکت ۾ ڪيترين ئي تبديليون آيون آهن پر پوءِ بہ ان جون ڪيترين خاصيتون محفوظ رهجي ويون. انهيءَ ڪري جو منجهس سڌي ست ۾ لکجڻ واري خوبي موجود هئي (خاڪو 8) برهمي لکت جي پاڇ دا۔نا۔م M، Nā، Dā کان شروع ٿي هئي ۽ سنڌو لکت جي پاڇ۔گ، س۔ ت۔ د۔ ن۔ پ۔ ب۔ م کان شروع ٿي ۽ پڇڻ واري

اهڙي شاهدي بہ ان پاڻ ڏني آهي. مون کي اميد آهي تہ پڙهندڙ مون سان هن ڳالهہ ۾ ضرور متفق ٿيندو تہ سنڌو لکت مان مرڪبن جوڙڻ جو جيڪو طريقو ظاهر ٿيو آهي، سو عام ۽ روايتي قسم جو هو. توڙي جو نسل ۽ ٻوليءَ ۾ گهڻيون تبديليون اچي ويون آهن. پر ٻوءِ بہ "قديم هندستانين" جي هنن ترقي يافتہ روايتن کان اسان پلي پت واقف ٿي چڪا آهيون.




خاڪو 4: هن خاڪي ۾ گرامر سان لاڳاپيل ڪن ننڍن ڪفرن جي چنڊ ڇاڻ ڪئي وئي آهي، جيڪي ڪن خاص حالتن کانسواءِ لکتن جي منهن يا پڇاڙيءَ ۾ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ڏسو MIC 464 جڳهہ ٻڇائڻ جي نقطہءِ نگاهہ کان هنن ڪفرن کي موجوده دور جي اختصارن جيان ائين ڏيکاريو ويو آهي. جهڙي ريت Ltd ۽ Inc وغيره. ڏلو وينهو تہ آهي. ادراڪي نشانيون Sense- Signs ۽ پر آوازن واريون نشانيون آهن. ڪفرن بابت وڌيڪ احوال ميمورينڊم- 1 ۾ ڏسندا.




خاڪو 5: هر هڪ لکت کي پڙهڻ کان پهريائين ان کي خاص طريقيڪار مطابق جاچڻ پڙتالڻ کپي، جنهن بابت ذڪر مٿي اچي ويو آهي. مٿي هر هڪ مُرڪب جي ترڪيبي جزن ۾ پڻ اڪيلين نشانين کي هڪ خاڪي ۾ قطاري بيهاريو آهي انهيءَ لاءِ ته جيئن انهن لکتن کي بيهڪ واري بدنظمي ۾ مونجهاري کان بچائي سگهجي. ان کان پوءِ هڪ عالم ان لکتن جي حقيقت جي سامهون اچي بيهندو.



خاڪو 6: هن خاڪي جي خاني نمبر 1 ۾ سنڌو لکت جا وڃڪشرس جن جي سامهون خاني 2 کان 14 تائين گهٽيون وڌيون وزني ۽ اهم تاڪيدي نشانيون ڏنل آهن، اهڙيون تاڪيدي نشانيون خاني نمبر 15 ۾ به ڏسي سگهجن ٿيون. خاني 17 ۾ لکيل بنگلا جي روايتي ماترائن ۽ خاني 18 جي هندي لکت جي ماترائن کي خاني 15 ۾ موجود سنڌو لکت جي ماترائن ۽ خاني 19 ۾ اشوڪ دور واري برهمي لکت جي ڪَ جي تاڪيدي سلسلي کي پيٽائي ڏنو ويو آهي. هن مان معلوم ٿيندو ته سنڌو لکت جون ماترائون Index vowels پنهنجي انفرادي صورت ۾ ۽ هندستاني تاڪيدي اصول جي عين مطابق اصلي وڃڪشرس مٿان ڪتب



خاڪو 10: مھر نمبر ايچ (Sign Manual MIC 96-Vol VI) ھيءَ مھر ھڙاپا مان لڌي وئي آھي، جنھن کي پنھنجو الڳ ۽ مڪمل نمونو آھي. ھڙاپا جو سڌيءَ سٽ ۾ لکڻ وارو طريقو ھن قسم جي لکت جو آخري مرحلو آھي. تنھن ڪري ھيءَ لکت طالب علم کي اجازت ڪا نہ ڏيندي تہ ان جو اڀياس ابتدائي مرحلي جيان ڪيو وڃي. کاٻي طرف کان پھرئين اکر کي سڃاتو ويو آھي تہ اھو فينقي Phoenician لکت جي اکر ب B جو ابو آھي. ھي تصويري قسم جي ب جي آخري شڪل صورت آھي، جيڪا EJM واري ليبل ۾ موجود آھي. اڀياس مان پتو پوي ٿو تہ ھن نشانيءَ سنڌو سنڌون سنڌو لکت مان ارتقا ڪئي آھي. ان نقطئہ نگاھ کان ھن مھر جو "ب" يا "باءِ" جو اکر ھڪ اھم دستاويزي حيثيت رکي ٿو.

III

## ٿال ٽيليٽس (گرامر اسڪول)

سنڌ لکت جي نشانين لاءِ صوتي قدر مقرر ڪرڻ کان پهريان هن ماٿريءَ جي ڪن مهرن تي ڪجهه بحث ڪرڻو پوندو. ڏنو ويو آهي ته جڏهن ننڍين مهرن جون وڏيون تصويرون ڪڍي انهن کي چڱيءَ ريت جاچيو پرکيو ويو ته تصوير جو نظر ايندڙ مفهوم ان سان گڏ لکيل تحرير سان بلڪل نهڪي ٿي آيو. تصوير جي طرز به تصويري مفهوم جي عين مطابق ڏسڻ ۾ آئي ۽ علم لسان جي سمجهاڻيءَ موجب ان مُهر تي ٿيل لکت سان هڪجهڙائي رکي رهي هئي. اهڙين حقيقتن ۽ لکت ۾ بيان ڪيل ڳالهه مان جيتري قدر مان سمجهي سگهيو آهيان ته اهڙين ننڍين مهرن جو تعلق پڙهڻ پڙهائڻ جي شعبي سان هيو. هنن مهرن وسيلي نون شاگردن کي ٻوليءَ جو ابتدائي گرامر سيکاريو ويندو هيو ان وقت جا ڪلاڪار، وفادار ۽ اعتماد جوڳن پُرامن جانورن جون عادتون ۽ حالتون ڏيان ۾ رکي مهرون ٺهيندا هئا. جيڪي نوجوان لکڻهار به سمجهي سگهندا هئا. جن کان مڪتبن جا استاد ٻوليءَ جي مناسبت کي نظر ۾ رکي وبا ڪرڻ جي ضروري ۽ ذکين اصولن کي سمجهائڻ واسطي انهن مثان گهربل عنوان لکرائيندا هئا. هيٺين تهن مان لڌل مهرن مان اهڙيون وڏيڪ ثابتيون ملن ٿيون. انهن مان اهو به نظر اچي ٿو ته ابتدائي دور ۾ انهن تي طرزون اُڪريل ڪو نه هونديون هيون. ڪجهه عرصي گذرڻ کان پوءِ مهرن کي تصويرن جي طرز هئڻ جي ضرورت کي محسوس ڪيو ويو هو. جهڙيءَ ريت موجوده دور ۾ ٻوليءَ جي گرامر جي اٽانگن اصولن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ تصويرن کان ڪم ورتو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته شاگرد پنهنجي اکين سان گهربل منظر ڏسي گرامر جي پيچيده اصولن کي سولائيءَ سان سمجهي سگهندا آهن. استاد اهڙين مهرن جي خاص تعداد کي ڪنهن خاص طريقي سان هڪبئي پرسان رکندا هئا. انهيءَ لاءِ ته جيئن شاگردن کي ڏهاڙي واري سبق جي ذکين لفظن جي معنيٰ تصويرن وسيلي سمجهائي سگهن. هن مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته ٻارن جا اهي ”ورڊ بوڪ“ خوبصورت تصويرن تي مشتمل هئا. جن تي اکرن جي اُڪير ڪجهه اڻ ڊنگي ۽ اڻ وڻندڙ به هئي. اهڙن تصويري سبقن جا نتيجا گهڻا اميد

افزا هئا, (7) هڪ ڪينهونءَ جهڙي مهر MIC خاڪو 28 پليٽ CXVI (جنهن جي سڌي سٽ ۾ لکت جو خاڪو پليٽ CXVIII ۾ خاڪي نمبر 8 ۾ ڏنو ويو آهي) وقت جي هاجيڪارين کان بچي وئي آهي. جنهن مان انهن مهرن جي صحيح استعمال جو پتو پئجي سگهي ٿو. انهن ننڍي قسم جي ڪتابن ۾ سڌاريل سنواريل لفظن جا ٻه نمونا نظر ايندا. لکت جي هن ٻنهي نمونن جي وچ ۾ لفظن ۾ آوازن جي رسمي شڪ جو فرق موجود آهي. جيڪو سنڌو ماٿريءَ جي گرامر جي باضابطه اصول جي نتيجي مطابق هڪ بنيادي لفظ Root Word ڦٽي نڪتو آهي. جنهن کان اڳتي هلي چڱيءَ ريت واقف ٿي ويندا سون. مثال طور, پڙهندڙ کي گذارش ڪئي ويندي تہ تصوير جي ان طرف تي ويچاري جنهن ۾ ٻہ جانور هڪ طرف ڏانهن نهاربندي ڏيکاريا ويا آهن, پر اهي گول مهر جي ٻن مخالف اڌ گولن کان ڏسندا نظر اچن ٿا. گول مهر جي ٻنهي پاسي تي اڪريل لفظن مان پتو پوي ٿو تہ گرامر جي ڪنهن درجہ بندي Classification کي ترتيب ڏئي هڪبئي سامهون رکيو ويو آهي. تي سگهي ٿو تہ اهو فرق مذڪر ۽ مونث جنس ڏيکارڻ جي مقصد سان ڪيو ويو هجي يا ممڪن آهي تہ انهن تصويرن ۾ اتر ۽ ڏکڻ جي لهجي کي چٽي ڪرڻ لاءِ ڪي مثال بيان ڪيل هجن.

5 FEM ۽ 6 پليٽ XCII ۾ ٻہ اهڙا قديم ۽ اهم مثال آهن (ڏسندا خاڪو 28) جن مان چٽيءَ ريت پتو پوي ٿو تہ سندن ڪارج "سکيا" آهي FEM ـ5 جي لکت ابتي پاسي آهي, جڏهن تہ ان سان لاڳاپيل گهمڻ گهتڻ لاءِ "ڦول باغ" Strolling Park جي تصوير سبتي طرف ڏسڻ ۾ اچي ٿي. منهنجي پڙهڻ جي طريقيڪار موجب اها لکت ساڄي کان کابي ۽ هن ريت آهي گ-م-ن-چ-ڙ-را-آ-م G-M-N-C-R-Rã-A-M گمنچڙ رام يعني سير تفريح گهمڻ وڃڻ-ساڳيءَ ريت FEM-6 ۾ هڪ "چورس" شڪل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جنهن جو عنوان آهي چہ – ت- ل-آ-اِ يعني چتلءِ-جنهن جي معنيٰ آهي چورس Square (سنسڪرت چترءَ = چوراس). پڙهندڙن کي گذارش آهي تہ ان گهمڻ گهتڻ واري ڦول باغ جي طرز ۾ نڪتل چورس تي غورڪري تہ سولائيءَ سان پتو پئجي ويندو تہ متن ۽ تصوير هڪبئي سان ساڳيائپ رکن ٿيون.

جيڪڏهن انهن مهرن کي محدب شيشي سان جاچي ڏسبو ته اِن جانور جا مختلف روپا نظر ايندا. جيڪي لکت جي مفهوم ۾ به چٽيءَ ريت ڏسڻ ۾ ايندا. ابتدائي دور ۾ اهي طرزون هڪ جاءِ تي بيٺل نوع ۾ ڪو نه هيون. پر وقت گذرڻ کان پوءِ اهي قالب وسيلي ڍالي ناهيون وڃڻ لڳيون ۽ روايتي بنجي ويون ۽ هوربان هوربان زندگيءَ جو اهڃاڻ ۽ سگهه وڃائي ويهي رهيون. خاص طور تي "هڪ سڱئي" واري اسڪول هڪ ئي جاءِ تي ٻن سڱن واري تصوير آڻي پنهنجي تصويري خاصيت ختم ڪري ڇڏي امڪان آهي ته اهڙي تبديلي ڪنهن سياسي ڦير ڦار ڪري ٿي هجي. ڏنو ويندو ته هر هڪ تصويري طرز کي پنهنجو الڳ سنيهو آهي. اهو مددگار تڏهن ثابت ٿيندو جڏهن ان جي سمجهاڻيءَ واري لکت کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسون. هتي پڙهندڙن کي گذارش اها ڪئي ويندي ته ڪن اهم مهرن جو محدب شيشي جي مدد سان ڳوڙهو ابياس ڪن. جن ۾ لکيل هيٺين عنوان تي ضرور پروڙن ۽ پرجهن. 370-MIC (هاٿڻ پيشاب ڪري رهي آهي) 46-MIC (هڪ سڱيو ڍڳو گهوري ڏسي رهيو آهي). 19-MIC (هڪ سڱيو ڍڳو ڪنگهي رهيوآهي). 25-MIC (هڪ سڱيو ڍڳو ٻُڏي رهيو آهي). 333-MIC (ڏاند) جنهن جي اکين مان ڏج بکي رهيو آهي. 30-MIC (ڪو فوجي سپاهي اچي رهيو آهي). 536-MIC (هڪ مينهن جي ڍڪڻ سان پان pan ٻاهر اچي رهيو آهي) 542-MIC "ٿڪل" Exhuated ,15-MIC (هتي ڪو) قلعي سان تعلق رکندڙ فوجي سپهه سالار آهي؟ 400-MIC, ڪو اندر داخل ٿي رهيو آهي. 76-MIC هڪ سڱو ڍڳو ڪا شيءِ کائي رهيو آهي. 246-MIC اندر اچي رهيو آهي. 77-MIC موت جو خوف؟ 93-MIC- ڳوَر تي اتي راجا زسراڻ آهي؟ وغيره وغيره. اکيون کليل ۽ هڪ جاءِ تي بيٺل آهن. (46) وات مان هوا خارج ڪرڻ مهل جهٽڪن ڏيڻ جي ڪوشش (9) ڪنهن ڳجهي شاهدي لاءِ ڳچيءَ کي مٿي ڪري ڏسي رهيو آهي (33) خطرناڪ روپ (77) ڪنهن حيرانيءَ جو اظهار (93) لکيل لفظن جي پوري ترجماني واسطي جانور جي تصوير کي هڪ مڪمل نموني سان اڪريو ويو آهي. پاڄ جي صحت جو هن مان اندازو ڪري سگهبو ته هن ۾ جيڪا تصويري طرز آهي. سا لکت جي معنيٰ سان ساڳياڻپ رکي ٿي يا نه. هتي اسان کي اهو ضرور ڏسڻو پوندو ته تصوير لکت سان لازمي طور نهڪي بيهڻ کپي.

هتي اسان کي بنيادي معياري نشانيءَ کي سُڃاڻڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي، ان جو ڪارڻ اهو آهي ته ڪاتب لکڻ ۾ ڪجهه غلطيون ڪري ويا آهن. هن خيال جو مان اڳئي اظهار ڪري آيو آهيان ته اهي مهرون فقط تعليمي استعمال هيٺ هيون. مون کي هن ڳالهه جي به پڪ آهي ته ڪن سيکڙات ڪاريگرن اکيرن جي غير معياري اکير ڪئي آهي. پر اُن جي پيٽ ۾ پيشور ڪاريگرن جا اکريل اکر نهايت شاندار آهن. هنن مان سڀ کان وڌيڪ دلچسپ مهر MIC-387 آهي، جنهن مان اسان کي ڪي حقيقتون معلوم ٿيون آهن. معلوم ٿيندو ته تصوير هڪ بهترين ڪاريگر جي تيار ڪيل آهي، پر مٿس اکر ڪنهن جڏي سڏي ماڻهو اکيريا آهن. ڇپيل MIC جي ڏِگهيءَ فهرست مان مهر نمبر 32، 38، 40، 457، 351 تي نهايت خوبصورت لکت ڏسبي، جڏهن ته مهر نمبر 82، 139 ۽ 321 تي بي انتها گندا اکر اکريل آهن. سنڌو لکت جون نهايت شاندار معياري قسم جون لکتون اهي پنج آهن. غير معياري لکيل نشانين جي پيٽ ۾ مٿي بيان ڪيل پنجن معياري اکريل نشانين جو مطالعو ڪرڻو پوندو نه ته غلط اکريل نشانين وسيلي پاڻ به گمراهه ٿي وڃبو. اهڙيون غلطيون اڳي به ڪيون ويون آهن، جو انهن غلط نشانين کي بنيادي ۽ الڳ نشانيون تصور ڪيو ويو هو جيڪڏهن ڪو ماڻهو وڃڪشرن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ته ان کي معياري بنيادي نشاني کي ڏسڻو پوندو. جيڪڏهن هڪ پيرو ميموربنڊم I ۾ (خاڪو 8) ٿيل الف ب ۽ پڌي بنيادي معياري نشانين کان واقف ٿي وڃاسون ته اهڙيون بيشمار نشانيون اسان جي پريشانيءَ جو ڪارڻ ڪو نه بڻبيون. چاڪاڻ ته انهن مان ڪيتريون سڌاريل ۽ گڏيل نشانين جي صورت ۾ آهن. ڪي نشانيون وري اهڙيون به آهن، جو انهن کي جڏن سڏن ڪاريگرن غلط اکير ڪري شڪل ئي مختلف ڏئي ڇڏي آهي.

IV

# لکت جو پيتوار اپياس

آواز جي قدر مقرر ڪرڻ جي مقصد سان لکت جي نشانين جي ظاهر شڪل جي آڌار تي پيتوار اپياس ڪرڻ نه رڳو هڪ خطرناڪ راند آهي، پر علمي تحقيق جي نقطه نظر کان به تيچ سمان آهي. ڇاڪاڻ جو اهو طريقو صحيح تحقيق کي به مُنجهائي وجي اوجهڙ ۾ هٽندو آهي. هن قسم جي نِرسوده کوجنا کان بچڻ جي اڪيلي واٽ اها آهي ته پيتوار اپياس جي نتيجن جي پٺڀرائي واسطي لکت جي نشانين جون اصلي اندروني شاهديون آنديون وڃن. جڏهن اهڙيون اندريون ۽ اصلي شاهديون ٻاٽ منجهان لاٽ ۾ ٻاهر ايندڀون ته سيني کي سُٽس پوندي ته ميريگي Meriggi جو "گهوڙو" دراصل ماڪڙ "Locust" مان اسري آيو آهي. جڏهن ته ان چڙڻ واري اکري ۽ مهري "Mortar and Corn pestle" بدڪ ۽ هٿ کان ارتقا ڪئي آهي. (خاڪو A–11) لاوارث رولو قسم جي نشاني سمير مصر يا چين جي نشانين جهڙي پئي معلوم ٿيندي آهي. ان نشاني جي ساڳيائپ اهڙو اعتماد پيدا ڪا نه ڪندي ته اها ان نشانيءَ جي برابر آهي، نه وري ان جي تاريخي پسمنظر لاءِ ڪو اثر پيدا ڪندي آهي. تنهن ڪري ميموريندم I ۾ اهو اشارو ڏنو ويو آهي ته پيتوار اپياس شروع ڪرڻ کان پهريان نشانيءَ جي ترقي يافته سلسلن کي وڏيڪ چتو ڪرڻ ۽ سمجهڻ لازمي آهي. اهڙي لاوارث رولو قسم جي نشاني قوت گويائيءَ کان محروم هڪ گونگي نشاني هوندي آهي، جيڪا پنهنجي سُڃاڻپ لاءِ ڪجهه به ڳالهائي ڪا نه سگهندي آهي، پر اها نشاني جنهن مان هوءَ ڀاڻ ڦٽي نڪتي آهي يا اهي نشانيون جيڪي هن مان ڦٽي نڪتيون آهن، سي سندس وجود جي سڃاڻ ڪرائيندڀون آهن. مان اهڙين سيني لاڳاپيل نشانين کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪرڻ انهن کي پنهنجي پنهنجي خانداني شجري ٻڌائڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهڙيءَ ريت مان انهن نشانين کي ڳالهرايو آهي. جيڪڏهن هڪ اڻ ڄاتل نشانيءَ مٿان صورتحال معلوم ڪرڻ کانسواءِ ڪو آوازي ملهه مڙهيو ويندو ته اها وڏي غلطي هوندي. اسان کي ان وايو منڊل تي سوچڻ ويچارڻ کپي، جنهن مان

اهڙيون نشانيون لڏيون ويون آهن. نشانين جي مختلف نمونن جي معلومات ڪان پوءِ اسان کي اها ڄاڻ به هٿ ڪپي ته انهن جي ابتدا ۽ تخليق Genesis ڪٿان ڪان شروع ٿي آهي ۽ ماڻهو کي ڪيس سائنسي نقطہ نگاھ ڪان ڄاڻ سڃاڻ گهرجي. اسان کي اهو به ڄاڻڻ کپي ته جيڪڏهن اهڙيون نشانيون هندستان جي بن مانس پٿيڪنٿروپس وپس Pithecanthropes ڪان شروع ٿيون آهن ته پوءِ اهي ضرور راما پٿيڪنٿروپس Rama-pithecanthropes بن مانس ڪان ئي شروع ٿيون هونديون.

"سنڌو لکت سان لاڳاپيل تحرير ٿيل مواد سنڌو ماٿريءَ جي مٿئين پاسي ڪان وني هيٺ تائين ۽ سيسر ڪان وني ايلم تائين هنڌين ماڳين پکڙيل نظر ايندو. هن هيڏي ساري وسيع ايراضيءَ ۾ سنڌو لکت جو اهڙو ڪو به متن نظر ڪو نه ايندو جيڪو قديم طرز جي نقطۂ نگاهہ ڪان ٻين ڪان نرالو نہ هجي. هيءَ لکت پنهنجي قديم دور ۾ به هڪ مقرر اعليٰ معيار قائم ڪري چڪي هئي. ماهرن کي هن لکت جي ارتقا بابت ڪا وسيع معلومات ڪا نہ آهي." پروفيسر لئنگڊن مٿيان ٻول نهايت مايوس ٿي چيا هئا(8). هن لکت جي ياڄ لاءِ اصلي ذکيائي بہ اها آهي. هڙاپا جي مهرن جي بناوت مان ائين معلوم ٿيندو تہ ڄڻ ڪلاڪار هڪجهڙي معياري ٽائيپ واري مشين وسيلي سارو متن لکندو تيار ڪندو پيو وڃي. شڪل، وٿي، پاسي وارا حاشيا، اکرن جي پاڻ ۾ رکيل نسبت بلڪل مناسب، صحيح ۽ عاليشان آهي (ڏسو خاڪو 10) هيءَ لکت جو پوئين دور وارو مرحلو آهي، جنهن ۾ متن سڌي سٽ ۾ ۽ تاڪيدي نشانين سان پريل نظر ايندو. وڏين مهرن ڪان پهريان ننڍين مهرن جو رواج هو جن ۾ پڻ لکت جي هڪ ترقي يافتہ شڪل نظر اچي ٿي. هڙاپا جي لکت جي نوعيت بلڪل مڪمل آهي، پر ياڄ جي نقطہ نگاهہ ڪان بلڪل بيڪار آهي. هن ڏس ۾ موهن جو دڙو ئي هڪ اهڙو ماڳ آهي، جتي هر نشاني جي مرحليوار اوسر ۽ لکت جي ترقي يافتہ منزل جو پورو پتو پئجي سگهي ٿو. پوري پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ لکڻ جو اهو طريقو هڙاپا جو پنهنجو نہ آهي، پر تيار ٿيل ۽ ڏکڻ ڏس ڪان آندو ويو هو. پهريائين هتي موهن جي دڙي ڪان ننڍڙيون مهرون پهتيون، جن تان نقل ڪري هڙاپا ۾ وڏيون مهرون جوڙيون ويون هيون. نظر ائين اچي ٿو تہ

موهن جو دڙو لکت جي معراج ڏانهن وڌي رهيو هو جڏهن ته هڙاپا ٻوليءَ جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ جاکوڙي رهيو هو. ان ڪري مون ميمورينڊم I ۾ ضرورت ڪانسواءِ هڙاپا جي لکت کي ڪا جڳهه ڪا نه ڏني آهي. اهو ماڻهو جيڪو موهن جي دڙي جون مهرون پڙهي سگهندو، تنهن کي هڙاپا جي مهرن پڙهڻ ۾ ڏکيائي ڪا نه ٿيندي. سنڌو لکت جو اصلي ۽ بنيادي واسطو موهن جي دڙي سان آهي. موهن جي دڙي مان ئي اسان کي سنڌو لکت جي الف ب وارين نشانين ۾ تصويري نشانين سان گڏ "پدي قدر" به مليا آهن. جڏهن ته هڙاپا واري لکت ۾ فقط الف ب واريون نشانيون نظر اينديون. "پروفيسر لئنگڊن جو بيان آهي ته بنيادي ۽ اصلي تصويري نشانين جي گهٽي تعداد کي هڪ لکيل دستاويزي صورت ڏني وئي آهي. جنهن مان پتو پوي ٿو ته هي لکت هتي گهٽي ارتقائي دور مان گذري آهي."(9) هن ميمورينڊم ۾ شامل پنج پيٽوار ٽيبلس وسيلي سولائيءَ سان پتو پئجي سگهي ٿو ته هن لکت جي شروعات فقط موهن جي دڙي کان ٿي آهي. اهو به چئي سگهجي ٿو ته قديم آثارن جي نقط نگاهه کان هڙاپا، موهن جي دڙي سان سهيوڳي ضرور آهي، پر لکت جي ناتي هن کان گهڻو پوئتي آهي. ساڳئي ريت ساريءَ "سنڌو ماٿريءَ" جي تهذيب واسطي هڙاپا تهذيب جو لفظ ڪتب آندو ويندو آهي، سو به هنن حقيقتن ڪري ڪنهن حد تائين غلط ثابت ٿيو آهي.

بدقسمتيءَ جي ڳالهه اها به آهي ته موهن جي دڙي جي کوٽائي فقط مٿاهين دڙي جي "هيٺين پاسي" جي ٿي آهي ۽ ان کان هيٺين تهه تائين ڪا نه پهتي آهي، جتي هيءَ لکت پنهنجي اوسر جي ڪيترن مختلف روايتي مرحلن مان گذري هوندي. اسان کي اهو پتو ڪو نه آهي ته دڙي جي هيٺان ٻيو ڇا وهيو وايريو. دڙو ئي هڪ اهڙي جاءِ آهي جتي ابتدائي تهذيبي عمل شروع ٿيو هوندو. نظر ائين اچي ٿو ته قبيلائي جهيڙن ڪري اهم دستاويزي حيثيت رکندڙ ڪيتريون مهرون پڇي خلاص ٿي ويون آهن. هن حقيقت جي پٽيرائي MIC مهرن نمبر 260، 397 ۽ 488 وسيلي به ٿئي ٿي، جيڪي وڙهندڙ ڌرين جي ماڻهن مٿان پڇي پور لڳيون پيون آهن (ڏسندا خاڪو 31) انهن ڀڳل مهرن ۾ ڪيتريون قديم نوعيت جو لکتي نشانيون موجود آهن. قديم نشانين واريون اهڙيون ڪيتريون اهم مهرون گم به ٿي ويون هونديون،

يا وري ان ڏڙي هينان ديجي پورجي وبون هونديون. حقيقتون ڪٿي ڪيئن به هجن، پر موهن جو دڙو هن ڏس ۾ واڌايون ضرور لهڻي ٿو. جنهن هڪ لکت کي جنم ڏنو. پالي نپائي جوان ڪيو (ڏسندا خاڪو II–A) اهو فقط موهن جي دڙي وارو اڪيلو ماڳ آهي، جنهن اسان کي منڍ کان وٺي پڇاڙيءَ تائين سنڌو لکت جي ساري سفر جي منظر نگاري ڏسڻ جو هڪ سونهري وجهہ ڏنو (ڏسندا ٽيبل SJM) آهي.

هٿ آيل ساري مواد کي پيٽوار اڀياس جي مقصد سان مکيہ طور ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. الف I-OD ۽ ب II-OD. آڪسفورڊ (O) ڊڪشنري (D)، خاڪي نمبر 1، 2 ۽ 3 جي لفظ کي مختلف ۽ متضاد معنائون ڏنيون آهن. هن کان علاوه مٿين ٻنهي اصطلاحن تحت تصويري نشانين جي لکت وارن مختلف مرحلن کي، الف–ب جي نشانين کي لکت وارن مختلف مرحلن کان ڌار ڪري بيهاريو آهي. (جڏهن تہ الف – ب جون مختلف بنيادي نشانيون پڻ ملي دت اکر Conjuncts ۽ تاڪيدي accented نشانيون بہ جوڙينديون آهن) (ڏسندا ٽيبل SJM خاڪو A-II).

I-OD ۾ لکت جا ٽي سلسلا شامل آهن. (1) تصويري Pictorial (2) قديم Archaic (3) عبوري Transitional. فطري ۽ سيانپي ۾ ڍاليل اها اصلي شيءِ جيڪا پنهنجي سُڄاڻپ جوڳي ابتدائي شڪل ۾ موجود هئي، تنهن کي تصويري لکت واري زمري ۾ شامل ڪيو ويو آهي. قديم لکت اها آهي، جنهن فطري وايو منڊل ۾ اڳين نشانين کي محفوظ ڪيو هجي. ان سان گڏ خط مستقيم Linear طرز ۾ بہ لکي وئي هجي ۽ شڪل صورت ۾ ڳتيل يا ديل Cramped هجي. ان جي شڪل کي انهيءَ مقصد سان نهايت مختصر ڪيو ويو آهي. تہ جيئن ان جي تشڪيل ڪرڻ ۾ سولائي ۽ جلدي ٿي سگهي. اهو تصويري نشانيءَ جو آخري مرحلو آهي.جنهن کي I-OD ۾ نروار ڪيو ويو آهي. عبوري يا تغير پذير اهو مرحلو آهي، جيڪو II-OD ۾ ظاهر ڪيل استخراجي (غير اصلي) derivative نشانين کي جنم ڏئي ٿو. مثال طور MIC– 109 ۾ الف–ب جي هڪ نشانيءَ "ف" آهي. جيڪا MIC– 67 ۾ نظر ايندڙ عبوري نشانيءَ مان ڦٽي نڪتي آهي. پر ٻنهي خط مستقيم واري پنهنجي اصلي سڃاڻ بہ ڪا نہ ٿي ڇڏي (ڏسندا خاڪو A-II) اسان ڏسنداسون تہ 67

MIC ۾ هن نشانيءَ کي ڊگهي پد واري آواز جو ملهه آهي. جڏهن تہ MIC-107 ۾ ان جي استخرا جي Derivative نشاني کي پد جو منڍ وارو آوازي قدر آهي. ڏنو ويندو تہ اهڙي تبديلي ان جي صوتي قدر تي اثر انداز ٿي وجهي ٿي. I-OD ۾ بيان ڪيل الف - ب جي نشانين کي بنا ڪنهن ڦير ڦار جي هڪ سٽ ۾ لکيو ويو آهي. هتي ٽيبل SJM ۾ درج ٽيبل ٻڌڪ جهڙين تصويري نشانين جو هڪ سلسلو آهي، جيڪو اسان جو ڌيان الف - ب ڏانهن وڌڻ واري چرپر ڏانهن ڇڪائي ٿو ۽ اهو هوريان هوريان تصويري لکت جي نشانيءَ مان الف - ب جي نشانيءَ جي صورت اختيار ڪندو پيو وڃي. نظر ائين ايندو تہ چِڻ مٿي 38 ۾ ڏيکاريل الف - ب جي ابتدائي نشاني پنهنجي اصلي نِنڍي خاڪي مان لڳاتار وڌيڪ مختصر ۽ سولي شڪل اختيار ڪندي پئي وڃي. الف ب جي نشانين جي شڪلين صورتن ۾ اهڙيون تبديليون ٽيڪنيڪل هونديون آهن. جيڪي اڳين سٽ کان وڌيڪ سڌي سٽ ۾ لکيون وينديون آهن ۽ انهن کي II-OD واري خاني ۾ رکيو ويو آهي. ڏورانهين ڏيهہ مان لڌل هڪ مهر (MIC —ص 425 کان ص 426) جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ مذڪوره نشاني هوريان هوريان اوسر ڪئي آهي. تنهن ڪري ان جي ترقي يافتہ شڪل لاءِ هڪ ڊگهي عرصي جو تعين ڪري سگهجي ٿو. اهو ڊگهو عرصو ڪنهن بہ حالت ۾ 2400 ق —م کان اڳ جو هوندو. الف_ ب جي اهڙين سولين نشانين وسيلي لکت جي ڪيترن ئي سلسلن جي ڄاڻ ملي وئي آهي، جن جي سهائتا سان پڙهندڙن کي هڪ حقيقي منظر بہ لکت جو هڪ وڏو دائرو نظر ايندو. (ڏسندا ٽيبلس (MSV, EJM, DRS, RDB, SJM, NGM

اهڙين نشانين کي تصويري نشانين جي آڌار تي چٽو ڪري سندن اصليت جو هڪ پروسي جوڳو شجرو ڏنو ويو آهي (ڏسندا: I-OD — خاڪو A-11) انهي سان گڏ پيتوار اپپاس جي مقصد ۽ ٽيڪنيڪل اوسر جي ناتي II-OD خاڪو A-11 پڻ پيش ڪيو ويو آهي. الف — ب جي ابتدائي نقطہ نگاهہ کان جن نشانين هوريان هوريان ارتقا ڪري ترقي يافتہ شڪل اختيار ڪئي آهي، تن کي ٽيبل SJM جي سامهون ڪري لکيو ويو آهي. هن مان چٽيءَ ريت اهو ڏسبو تہ I-OD ۾ تمام قديم نشانيون شامل آهن، جن کي دنيا

جي ڪنهن بہ قديم لکت جي نشانين سان ڀيٽائي سگهجي ٿو. جڏهن تہ II-OD ۾ وري اهڙيون نشانيون ڏسبيون جيڪي نسبتاً هندستان ۾ ٻين ٻاهرين ملڪن جي نشانين سان ڀيٽائي سگهجن ٿيون. جيڪڏهن ڪنهن قديم لکت کي I-OD سان ڀيٽائي ڏٺو ويو تہ ان کي+ "واڏو نشاني سان اپياس" سڏيندا سون ۽ جڏهن II-OD کي نئين دنيا جي ڪنهن لکت جي نشاني سان ڀيٽايو ويندو تہ ان کي-"ڪاتو نشاني اپياس" سڏيو ويندو. اهڙيءَ ريت خاڪي A-11 ۾ + نشاني اپياس ۽ خاڪي B-11 ۾ - نشاني اپياس جا مثال موجود آهن.

واڏو+ نشاني اپياس مان پتو پوي ٿو تہ شروعاتي مرحلن ۾ هن جو ويجهو واسطو مصر جي تصويري لکت سان هيو. پروفيسر لئنگڊن پنهنجا ويچار هن ريت ونديا آهن. "هندستان مان لڌل مهرن مان تہ ائين ڀائجي ٿو تہ هنن جي ويجهڙائي ٻين ڄاتل لکتن کان مصر جي تصويري لکت سان وڌيڪ آهي." (10) ڄاڪاڻ تہ سنڌو لکت جي مهرن جهڙيون اُر Ur ۽ ميسو پوٽاميا جي ٻين شهرن مان پڻ مهرون لڌيون ويون آهن. تنهن ڪري قديم آثارن جا ماهر اها تحقيق ڪندا رهيا آهن تہ سنڌو لکت جي سمير ۽ ايلم جي لکتن سان ضرور ڪا هڪجهڙائي آهي. پر ان جي مصر جي لکت سان هڪجهڙائيءَ ڏانهن ڪنهن بہ هندستاني ماهر جو ڌيان ئي ڪو نہ ويو. ڊاڪٽر لئنگڊن هن معاملي ۾ شروعات ۾ ئي چتاءُ ضرور ڏنو هو تہ "پهرين ڳالهہ تہ هن لکت جو ڪنهن قديم دور ۾ ابتدائي سمير ۽ ايلم جي لکتن سان ڪو بہ تعلق ڪو نہ آهي. سنڌو ماتريءَ جي هيءَ لکت سمير جي تصويري ۽ ميخي خط کان وڌيڪ مصر جي تصويري لکت سان ويجهڙائي رکي ٿي. (11) سنڌو ماتريءَ جي دڙي هيٺان مليل لکت ۽ مصر جي قديم لکت ۾ تمام گهڻي هڪجهڙائي موجود آهي. تنهن ڪري اهڙو ڀيٽوار اپياس ڪرڻ نهايت ضروري آهي. مئڪي Mackay مهر نمبر 5_MIC پليٽ CXVI ۾ (ڏسندا خاڪو 34) پنهنجي خيالن جو هن ريت اظهار ڪيو آهي. جيڪو ڪنهن اهميت کان خالي نہ آهي. "ٽئين پاسي تي هڪ دلچسپ ڏيک نظر ايندو. چار ماڻهو قطار ۾ بيٺا آهن ۽ سندن هٿ ۾ جهنڊا آهن. ڏسڻ سان محسوس ٿيندو تہ ڄڻ اهو منظر مصر سان واسطو رکي ٿو. جيڪڏهن اها مهر

ان ملڪ مان لپي ها تہ هر ڪو ماڻهو واقعي ائين سمجهي ها تنهن ڪري هن مهر ڏانهن ڪو خاص ڌيان بہ ڪو نہ ڏنو وڃي ها. (12) هتي اسان کي هيڪوڙي، ٻيڻي ۽ ٽيڻي صوت بندي واريون (آوازن جون نشانيون) تصويري لکتون (منظر واريون نشانيون) نظر اينديون. ان سان گڏ هِجي جو بہ خاص طريقيڪار يعني صوتي تڪميل Phonetic complements بہ پڻ ڏسڻ ۾ ايندي (ڏسندا خاڪو 18، 19 ۽ 21). هن مان ٻنا ڪنهن غلطيءَ جي اهو احساس ٿئي ٿو تہ هنن ٻنهيءَ لکتن جو ڪنهن هڪ ٻڻ ٻڻياد سان واسطو آهي. هت آيل مواد مان تہ ائين پيو نظر اچي تہ ٻئي لکتون فقط ظاهري تصويري Pseudo-hieroglyphic آهن ۽ اها حقيقت مصر جي قدامت جي ماهرن اڄ سوڌو ڪوجنا ڪري ڪا نہ معلوم ڪئي آهي.

اهڙيءَ ريت سرجان مارشل بہ خبردار ڪيو آهي تہ "متان اهڙيون ويجهڙائي رکندڙ هڪجهڙايون گمراهہ ڪري رکن تہ سنڌو-لکت ڪن ٻين لکتن تان ورتي وئي آهي. حقيقتن اها آهي تہ اهي قديم لکتون پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. پر اهو بہ ڪنهن خاص نڪتي تائين وڌيڪ نہ. منجهس موجود اصول ساڳيا آهن. هن ڳالهہ جو بہ وڌيڪ امڪان آهي تہ سندن لاڳاپو ڪنهن هڪ ٻڻ ٻڻياد سان آهي، جيڪو پٿر جي پوئين دور سان واڳيل هوندو. (13) موهن جي دڙي مان لڌل قديم آثارن جي دستاويزي ثابتين مان لڳي ٿو تہ اهو قديم ٻُڻ ٻڻياد هتي هندستان ۾ موجود هو. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ سنڌ جي اڻ آريہ ماڻهن وٽ نهايت قديم دور ۾ لکت جو هڪ تصويري طريقو موجود هو. جنهن مان سنڌو لکت ۽ مصري لکت ڦُٽي نڪتيون آهن ۽ ان کان پوءِ پنهنجي آجيءَ ۽ نجيءَ حيثيت ۾ وڌنديون ويجهنديون رهيون آهن. پڙهندڙن جو ڌيان پرزم شڪل جهڙي مهر 10-MIC ڏانهن ڇڪائجي ٿو جيڪا پليٽ CXVIII ۾ ڏسي سگهجي ٿي. هن مهر ۾ هڪ تفصيلي خاڪو چٽيل آهي، جنهن جي هر هڪ پاڳي تي هڪ تصويري ڳالهہ اُڪريل آهي. هن مهر جو وچون 'C' پاسو' خاڪي نمبر 31 ۾ وڌائي پيش ڪيو ويو آهي. انهيءَ لاءِ جيئن اپياس جي اهم نڪتي کي وضاحت سان بيان ڪري سگهجي . کاٻي کان ساڄي طرف بہ وڻ نظر اچن ٿا. انهن مان هڪ پاڙئون اکڙي ساڄي طرف ڏانهن ڪري رهيو آهي. هن ڏيک کان پوءِ هڪ پچندڙ

گابي (چئن جنگهن ۽ سڱن سان) جي تصوير نظر اچي ٿي، جنهن جي ڪيڏ بگهڙ يا سوئر جي شڪل آهي. پنيان جُلهه ڪندڙ جانور جي نمائندگيءَ ان جي فقط منڊي ڪري رهي آهي. ٻئي منظر ۾ هڪ ماڻهو ٻئي، ماڻهوءَ کي ساڄي طرف اڳتي ڏڪي رهيو آهي. ڪيس ڏگهي ٽوپي پاتل آهي. اهڙيءَ طرح هڪ "ڊيد" Dyad نهي پئي آهي، جنهن جي علامتي نمائندگي پڇاڙيءَ واري طرز last motif ڪري رهي آهي. پنيان ڪيڏ ايندڙ منڊي پوءِ اها بگهڙ جي آهي يا سوئر جي. پنيان ڪيڏ پوندڙ ماڻهوءَ جي، جڏهن ته پڇندڙ گابو "هيٺ ڪري پوندڙ ماڻهوءَ" جي نمائندگي ڪري ٿو. پرزم جهڙي مهر جي ٻن پين پاسن. A ۽ B تي جابلو ماڻهن جو نسل ڏسجي ٿو جيڪو سياسي حمايت واسطي درياهي جوءِ جي جهنگلن ۾ گهمي رهيو آهي ۽ اها ڳالهه پرزم شڪل مهر جي 'C' پاسي' تي پنهنجي اختتام تي پهچي ٿي. هن مان پتو پوي ٿو ته اتر ۽ ذڪڻ وارا ٻئي علائقا هڪ ئي انتظامي ڍانچي هيٺ هلي رهيا هئا. (هن مهر جي لکتي قدر معلوم ڪرڻ لاءِ خاڪي 30، 31 ۽ 32 هيٺان لکيل معلومات جو مطالعو ڪيو وڃي) پروفيسر پگاٽ Piggott پنهنجي ڪتاب "پري هسٽورڪ انڊيا" (1950 pelican) جي ص 150 تي اهڙو اشارو ڏنو هو ته سنڌو ماٿريءَ جي حڪومت ۾ ٻه گاديون هيون. مٿي ڄاڻايل مهر ۾ قديم قبيلائي جنگ جو ذڪر آهي، جنهن ۾ اتر وارو علائقو ذکڻ واري علائقي تي غالب ٿيندو ڏسجي ٿو.

ٻنهي علائقن کي متفق رکڻ لاءِ ڪهڙي سگهه هئي؟ ان اتفاق جي علامت هڪ ديوتا آهي، جنهن جي نمائندگي بگهڙ يا سوئر جي مُنڊي ڪري رهي آهي. ڏگهيءَ ٽوپي پاتل ماڻهوءَ جي نمائندگي گابو ڪري رهيو آهي. هي ماڻهو قديم سنڌ جي هامي نسل جي نمائندگي ڪري ٿو. سنڌو ماٿريءَ جي تصويري لکت هن هامي نسل hamitic population سان واسطو رکي ٿي. مهر جي ڏنل احوال مطابق آريہ نسل جا ماڻهو هن ملڪ جي اترئين علائقي سان واسطو رکن ٿا. انهن جلد ئي مفتوح ملڪ جي ماڻهن جي لکت کي پنهنجي ٻوليءَ لاءِ ڪتب آندو. هڙاپا جي لکت مان پتو پوي ٿو ته اتر طرف کان آيل ماڻهن کي پنهنجي ڪا به لپي ڪا نہ هئي. انهن پنهنجي ٻوليءَ جي تحرير واسطي ذکڻ کان لکت آندي ۽ پوءِ ڪٿي ان لکت جو "موهن جي دڙي" واري

شهر سان واسطو نہ بہ هجي. قديم آثارن جي کوٽائين ۾ کوجنائن وسيلي جيڪو مواد هٿ لڳو آهي، تنهن مان بہ قديم آريائي لکت ملي آهي.




خاڪو A-11، هن خاڪي ۾ + نشانين جي اپياس سان تعلق رکندڙ مثال موجود آهن. هي سڌاريل ۽ سڌي سٽ ۾ linear form تحرير ٿيل لکت کي سمجهڻ واسطي ڀهريون قدم آهي تہ ڪيئن اهي ڏاکي بہ ڏاکي تصويري لکت جي نشانين مان ڦرنديون گهرنديون اهڙيءَ لکتي صورت شڪل ۾ پهتيون، جيڪڏهن اصلي بڻ بنياد ۽ ان مان نڪتل نشانين جي سامان کي اڏور رکبو تہ اصل جي اهميت جو پتو پئجي ويندو ۽ سولائيءَ سان سمجهي سگهبو تہ ڪير ڪير آهي ۽ ان جي اهميت ڪهڙي آهي.



خاڪو B-11، هن خاڪي ۾ ـ اپياس واريون نشانيون ڏنيون ويون آهن، منجهس ابتدائي استخراجي derivation سٽين سٽن ۾ لکڻ وارين نشانين تي نظرثاني ڪري وڌيڪ گهٽائي روان صورت Cursive letters ۾ لکيو ويو آهي. هن قسم جي ٽيڪنيڪل ترقيءَ واري لکت کي انهيءَ مقصد سان ترتيب ۾ رکيو ويو آهي. جيئن نئين دنيا جي ٻين لکتن سان، جن ۾ هندستان ۽ شامل آهي، پيٽائي ڏسجي. برهميءَ جي هن لکت سان ويجهي هڪجهڙائي ڏسجي ٿي.




**ٽيبل:** SJM، موهن جو دڙو هڪ اهڙو اڪيلو ماڳ آهي، جتي اسان کي لکت جي ساري سفر جو منظر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پيٽوار اپياس جي هندستان جي اندر يا هندستان کان ٻاهر لاڏ سنڌو لکت جي مختلف نشانين کي + ۽ ـ وارن خاڪن ۾ رکيو ويو آهي. MIC جو صفحو نمبر بدڪ واري ڪالم ۾ ڏنو ويو آهي، جيڪو 429 نه پر 426 آهي.




**تيبل:** RDB. هن تيبل ۾ الف- ب جون ابتدائي نشانيون ڏنيون ويون آهن. جيڪي سڌي ست (خط مستقيم) ۾ آهن. جنهن مان لکت جي ٽيڪنيڪل اوسر جو پتو پوي ٿو. هن سڌي ست واري مرحلي ۾ الف- ب جي نشانين جنم ورتو جن اڳتي هلي دنيا جي مختلف لکتن جي صورت اختيار ڪئي. هن مان اسان کي پتو پوي ٿو تہ تصويري نشاني Hieroglyphic فونيشن يا ڪلاسيڪل Q کي جنم ڪو نہ ڏنو آهي. هن نشاني جو بڻ بڻياد بلڪل مختلف آهي. سنڌو لکت جو Q ڪمان واري ماڻهو "Bowman" مان نڪتل آهي. (12-MIC-Qama-deva) وڌيڪ لاءِ ڏسو خاڪي 26 ۾ ڏنل احوال.




تيبل: DRS، رومن D يوناني اکر "ڊيلٽا" مان ڦُٽي ڪا نہ نڪتي آهي، پر ڪان ۽ ڪمان Bow and arrow مان اسري آهي. جڏهن تہ يوناني "ڊيلٽا" "پکيءَ" جي چهنب "Bird's Beak" مان نهي آهي. اهڙي ريت EE, E, P.O, Y, Z, M, V, T, G, C وغيره اسان جي جاتل سڃاتل نشانين کان گهٽيون پري ڪو نہ آهن. جيڪي سنڌو لکت ۾ يورپي لکت جي نشانين کان ٿورو ڪجهہ مختلف آهن. جڳهہ بچائڻ جي مقصد سان گول R جي جاءِ مٿي سوڙهي ٿيندي ويندڙ R آئي K مان kk ۽ ان کان پوءِ KH جي نشاني آئي. تامل R جي شڪل سڄي نشانيءَ جيان آهي.




تيبل EJM، برهمي جي k نشاني ks جي گڏيل شڪل آهي جنهن جو آخري آواز ڪيرايو ويو آهي. سنڌو لکت جي k جي نشاني تامل ۽ مليالم لکت ۾ جيئن جو تيئن موجود نظر اچي ٿي. هنديءَ ۾ بہ پنهنجي اصل شڪل ۾ موجوده ڏسبي. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ سنڌوءَ لکت جو گفتاري صوتيو. ڪنهن قديم دور جي تصويري لکت Hieroglyphic مان ۽ ڪنهن قديم دور ۾ ملايو ويو آهي. انهن جي اهڙن قدرن کي صوتي هڪجهڙائي وسيلي معلوم ڪيو ويو آهي. (ڏسندا خاڪو 18 ۽ 19) mes, pt, pr, mr, kher, bai, im, ht جي نشانين بيهڪ مان ڳالهہ جي صحت جو پتو پئجي وڃي ٿو (ڏسو خاڪو 20) حقيقت اها آهي تہ انهن پنهي لکتن جو بُڻ بڻياد هتي هندستان اندر ٿي موجود آهي.




خاڪو 12، ٻوليءَ کي سمجهائڻ جي مقصد سان ايياس وسيلي نڪتل نتيجن کي اسان جي جونبيل مهرن تي ڪتب آندو ويو وجي. بعضي کي اکرٻون انفرادي قسم جون تصويري نشانيون نظر اينديون آهن (جهڙوڪ 325-MIC جنهن ۾ ڇبرن جي جوڙي آهي، جنهن جو صوتي ملهه Gdr آهي) جيڪي بين ڪان وڌيڪ قديم آهن.




*Fig. 13 :* Analytical Chart Showing the PTT :

| | |
|---|---|
| *OBJECTIVE (Noncommittal) REFERENCE* | *SUBJECTIVE (Committal) REFERENCE* |
| *Grasshopper = pharing (phara)* | *1. Falling = pharala (ph-r)* <br> *= Sn.* patana |
| *OD-I = phonogram—phara.* | *2. The end* = sesha·a *(MIC 13)* |
| *OD-II = alphabet—pha (f)* | *3. Elimination* = nidha·a *(MIC 49)* |

هن خاڪي کي جيئن جو تيئن رکيو ويو آهي.



337




خاڪو 14 -: هيءَ اها پهرين مهر آهي، جنهن کي اڳ سن 1954ع ۾ سانگيءَ ريت لکيل تصويري لکت Hieroglyphic جي آثار سان پڙهڻ ۾ سوچارو ويو هئس. پر علائقائي فرق ڪري پاڃ ۾ ڪجهه معمولي ڏکيائي ضرور ٿي هئي. هن تصويري لکت جي ساڄي طرف کان پاڃ هن ريت آهي. پ – س، ڌ- اهه- ک , P,S 'a', DH-aH-kh اُن ۾ ليک ڏسجي ٿي، جيڪا ننڍي الف "ه" a جو مفهوم ڏيکاري ٿي. ٻاڪيڙي ماترا m جي مختصر ڪيل شڪل آهي. هن مياري لکت جو T اوازي قدر "پسو دوهکم" Pas'adh'ahkhm يعني چوپائي مال جو راجا. هنن ٻنهي لکتن ۾ ٿورو فرق موجود آهي، جنهن کي دور ڪرڻ واسطي سنڌو ماترڪيءَ جي لکتي تاريخ کي پڙهڻو پوندو.



38



Dt. =

**S'a (RAKKI)P**

خاڪو 15: ساڄي طرف کان منھنجي معلومات مطابق ھن متن جي پڙھڻ ۾ آخري نشاني 33 D MIC جھڙي آھي، تنھن ڪري ھُن جو مفھوم پسو (سنسڪرت پسو) آھي، جنھن جي معنيٰ آھي جانور، وچ واري نشاني ڪان ۾ ڪمان سان آھي، جنھن جو MIC-II (خاڪي 23) مطابق ملھ ھڪ گفتاري صوتيو phonogram آھي، جنھن جو صوتي قدر نگھبان تعين ڪيو ويو آھي. ساڳي ئي نشانيءَ جي ٻڄاڙي واري صوتيہ مان ڪڪڙ kkic جو اچار ھڪجھڙائي رکي ٿو. (خاڪو 18) ھيءَ نشاني "رکي" لفظ جي نمائندگي ڪري

(ڏسندا ٽيبل EJM). البت اهو سمجهڻ ڏکيو آهي تہ فونيشين جي ب B جو ڪلاسيڪل ب B تي سڌو اثر آهي يا نہ. وڌ ۾ وڌ اهو چئي سگهجي ٿو تہ ڪلاسيڪل اکر B، پنهي قسمن جي ب B ٺن يعني هڪ ماکي واري Bee ۽ ٻي گهر واري ب B house-B جي وچ ۾ تعلق هجڻ جو نتيجو آهي.(15)



18




خاڪو MIC-16 هڪ بهترين مهر آهي. هن متن جي صوتيا بندي هن ريت آهي. ساڄي طرف کان نظر ايندڙ پهرين نشاني، الف- ب جي نشاني، جي آواز سان بلڪل هڪجهڙائي رکي ٿي، جيڪي تصويري لکت Hieroglyphic جي طريقيڪار جيان پنهنجي آواز جو مڪمل اظهار ڪن ٿيون. (ڏسندا خاڪو 18). اهڙي قسم جي اهم

مهرن تي اها ڳالهه سمجهائڻ لاءِ هدايت ڪيل آهي ته هن تي جيڪي گفتاري صوتيه آهن، تن کي ضرور پڙهيو وڃي ۽ موهن جي دڙي مان اهڙيون بي شمار مهرون لڌيون آهن. هن لفظ...... جو مفهوم. سشئم sa-SHA-aH آهي. معنيٰ اٽس مئجسٽريٽ يعني عدليه جو عملدار يا ننڍي درجي جو حاڪم.







خاڪو 17: مهر نمبر MIC 463، تصويري لکت جي آڌار تي هن لفظ جي معنيٰ سکيه S'a-KH-a'H ٻڌائي ٿي (سنسڪرت Sakhya). ٿوري وقت لاءِ ائين محسوس ٿئي ٿو ته هور خوُف Horkhuf مصر جو ساز وڄائي رهي آهي ۽ ان نشانيءَ جي آڌار تي سمجهي سگهي ٿو ته موهن جي دڙي جي ڳائڻي پتلي بائي Putliboi سنڌي راڳ ڳائي رهي آهي. هتي تار يا ڏور جي حقيقي ڦير گهير جو دخل ڏسجي ٿو.

روم وارن D جو اکر ڪان ڪمان bow and arrow تان ورتو آهي. پر يونانين جي اکر ڊيلٽا تان ڪو نه کنيو آهي ۽ جڏهن ته يوناني ڊيلٽا پکيءَ جي ڇُهنب کان ورتل آهي (ڏسندا ٽيبل RDB). فونيشين پکيءَ جي ڇهنب کان ته باخبر هئا پر Bow and arrow جي ڪين ڄاڻ ڪا نه هئي. هاڻي سوال

اهو پيدا ٿئي ٿو تہ روم وارن D ڪٿان ورتي؟ يونان وارن وٽ P. G ۽ E آهي، هي نشانيون فونيشين جي نشانين کان سنڌو لکت جي نشانين جي وڌيڪ ويجهو آهن. هن وقت آءُ ڪلاسيڪل لکت بابت ڪنهن نئين اصول جي ڳالهہ ڪو نہ ڪندس. مان فقط هي چوڻ چاهيان ٿو تہ اپياس جي مختلف ٽيبلس سان گڏ جيڪي مون دستاويز پيش ڪيا آهن. ڪلاسيڪل لکت جي ماهرن کي تن جو بہ مطالعو ڪرڻ کپي ۽ ان ناتي منهنجي ساري جاکوڙ جو پتو پئجي ويندو. ”گرامر اسڪول جي ٽيبليٽس“ دريافت ٿيڻ کان پوءِ اها معلومات ملي وئي آهي تہ موهن جو دڙو دنيا جي پهرين يونيورسٽي وارو شهر هو. هتي ڏاتوءَ جون اهڙيون بڻيون هيون جتي آريہ ٻولي ڳالهائيندڙ ڪاريگر تصويري لکت جا نمونا جوڙيندا هئا ۽ تصويري لکت Hieroglyphic کي هوريان هوريان غير تصويري لکت Pseudo-hieroglyphic ڏانهن






خاڪو 21: مهر نمبر ايڇ 247 ۾ منهن واري وڻ جهڙي نشاني سان گڏ تعريفي آواز جو شروعاتي حصو آهي، جنهن ۾ الف-ب واري نشاني آءِ I ڏسجي ٿي. هن مان اشارو ملي ٿو ته آوازي قدر ائم آهي (GDr-m-1). تنهن ڪري لفظ ائم Im-a يا ائمءَ-ءِ ima-a ā پڙهي سگهجي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي "(هي) اچي ٿو" مهر ايڇ 341 کي "آمئي" پڙهڻ کپي، جنهن جو مطلب آهي هوءَ اچي ٿي. مهر 425 MIC، لاگش مان لڌي آهي، جنهن جو دور 2400 ق م آهي. هن کي پڻ ائم Im جو آواز آهي ۽ لکني نشاني وڻ اٿس. متن جي پڙهڻي ائم-گي-ٽ-ٽ-ٽ-اڪم iM-Gic-TT-T-Akkam يعني ائمگت تت اڪم (جيتو) يعني اشارو ڪري رهيو آهي. پر هاڻي سيئي آوازي هڪجهڙايون گڏ ڪري جيڪا معنيٰ بڻائي وئي سا آرين جي ٻوليءَ سان نڪي اچي ٿي يعني و-ن-آ (سنسڪرت وينءِ) آهي معنيٰ ٻيلو) MIC- 42 - ۾ س آ- مائي - لل-ون- آ آهي.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | | CDIS. 25 → | | | — | |
| | | | PANƏ | Ạ | | |
| 2 | | MIC.126 → | | — | | — |
| | | | PANƏ | | M | |
| 3 | | MIC.339 → | | | — | — |
| | | | MĀ | Ạ | | |
| 4 | | MIC. 116 → | | | — | |
| | | | MĀ | Ạ | | E E |
| 5 | | MIC. 214 → | | | | — |
| | | | MĀ | Ạ | M | |
| 6 | | MIC.569 → | | | — | — |
| | | | Nə | Ạ | | |
| 7 | MIC. 536 → | | | | | — |
| 8 | | MIC250 → | | | | |
| | | | Nə | Ạ | Mə | E |
| 9 | | MIC.279 → | | | — | — |
| | | | FE | Ạ | | |
| 10 | | H 212 → | | | — | |
| | | | FE | Ạ | | E |
| 11 | | MIC 295 → | | | | — |
| | | | PE | Ạ | M | |




خاڪو 25: اسان ڄاڻون ٿا ته هي تصوير باب III سان واسطو رکي ٿي. هن معاملي ۾ مهرون نمبر FEM، پليٽ XCII 5 ۽ 6 اهم دستاويز آهن. نمبر 5 مهر جي پاسي "b" تي رستن ۾ گهٽين جا ور وڪڙ ۽ گول دائرا نظر اچن ٿا. جڏهن ته پاسي a تي سمجهائڻ جي نقطه نگاهه کان عنوان لکيل آهي. "گمنجڙ دائم" جنهن جي معنيٰ آهي "گهمڻ لاءِ وڃڻ" نمبر 6 جي پاسي b تي پڪي قسم جا چورس آهن، جيڪي پٿرن يا سرن سان جڙيل آهن ۽ 6 جي پاسي a تي لکيل آهي " چتلائي"، جنهن جي معنيٰ آهي چورس، تصويرن واريون اکرون مهرون ٻارن کي ٻولي سيکارڻ لاءِ ڪتب آنديون وينديون هيون.






خاڪو 28: MIC مهر نمبر 77 هن متن جي پڙهڻي "نرهتئي لکڻ" آهي. يعني "مرڻ جو احساس". ساڄي طرف کان ٽين نشاني اهڙي منفرد آهي، جو وري ڪنهن ٻي ءَ مهر تي نظر ڪا نه ٿي آهي، تنهن ڪري ٻين مهرن جي ناتي هن جي وضاحت جاچ پڙتال ڪري ڪا نه ٿي سگهجي. ساڄي پاسي کان پنجين نشاني ۽ جو گفتاري صوتيه "هٽ" hata آهي، جنهن جي ڇهين نشاني ۾ T، آخري صوتيائي پورائو آهي. چوٿين نشاني پڻ ۾ T آهي، جيڪا کاٻي طرف وريل نظر اچي ٿي ۽ اهڙا اکرن جي طرز کي ٽيڪ ڏيڻ جي مقصد سان اٿي لکي وئي آهي.




خاڪو 29: پرزم شڪل واري مهر 25-MIC پليٽ CXVI هن مهر ۾ ٽن وينن جا
نالا لکيل ڏسجن ٿا، جيڪي پرذم شڪل جي مهر جي ٽن پاسن تي لکيل آهن.
پاسي -C تي رڪ RQ ڏسجي ٿو. پاسي A- تي سام S-A-M لکيل آهي. جڏهن ته
پاسو B پڙهي ڪونه ٿو سگهجي.

ني - ڪڪل - ڪُ - رڪي - ٻ
NI-KKAL-KU-RAKKi-BA

خاڪو 34: هن لفظ نيڪڪلڪرڪيب جي امڪاني معني آهي، "ٻڌيءَ جو تحفظ ڪري سگهبو" يا نقط (پڪ سان) بچاءَ ڪندس، جيڪڏهن ٻوليءَ جا ماهر ٻوئين سمجهاڻيءَ سان متفق آهن تہ هن جو مطلب "ڳڻن جو بچاءُ" تي سگهي ٿو، هي وفاداري جو هڪ قسم نامو هوندو هو. ڏسندا پگاٽ جو پري هسٽُرڪ انڊيا ص 263.

## حاشيا

1. مان تنهنجو هڙاپا لکت تي تصنيف ڪيل دلچسپ يرمشر (ميموريندم I-)ڏاڍيءَ خبرداري سان پڙهيو آهي، ان لاءِ اهو ضرور چوندس تہ تنهنجي انهيءَ تصنيف مون کي گهڻو ڪجهہ متاثر ڪيو آهي. مان ٻئي ميموريندم جو سختيءَ سان انتظار ڪندس. پروفيسر ڪاميل زويليبل.
2. اينشنٽ پاڪستان جلد I۔1964 (پشاور)، ص۔142۔143.
3. هن سلسلي مان پڙهندڙ کي مشورو ڏيندس تہ اهي مهرباني ڪري پروفيسر ڊبليو. ايس. آلن جو مشهور ڪتاب "فونيٽڪس ان اينشن انڊيا" ضرور پڙهن.
4. ڏسندا انسائيڪلو پيڊيا آف ورلڊ آرٽ جلد VIII ص 106.
5. مثال طور ميموريندم I جي خاڪي 8 ۾ نشاني نمبر.43 مختلف حالتن ۾ تبديل ٿيل شڪل صورت ۾ بہ مختلف حيثيتن ۾ ڪيترين مهرن ۾ 27 ڀيرا ڏٺي وئي آهي، جنهن کي MIC جلد III اندر پليٽ CIII ۽ CXIII ۾ بہ ڏسي سگهجي ٿو.
6. (مون وٽ موجوده فوٽو اسٽيٽ ٿيل ڪتاب ۾ هي حاشيو چٽو ڪو نہ آهي. مترجم)
7. هندستان ۾ الف – ب کي "ورن مالا" ڪري سڏيو ويندو آهي. يعني رنگين تسبيح، اهو نالو گهڻو ڪري مختلف رنگن واري لکت جي مهر تان ورتو ويو آهي. جيڪا قديم هندستان ۾ ٻارن کي پڙهائڻ ۾ ڪم ايندي هئي. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ هر هڪ اکر کي پنهنجو الگ هڪ رنگ هوندو، چاڪاڻ تہ هندستان ۾ اکر کي اڄ سوڌو ورن سڏيو ويندو آهي.
8. MIC، جلد II ص 431.
9. ايضاً ص 427
10. ايضاً.
11. ايضاً.
12. ايضاً
13. ايضاً.
14. (مون وٽ فوٽو اسٽيٽ ڪتاب ۾ هي حاشيو پڙهڻ جوڳو ڪو نہ آهي، مترجم)
15. (مون وٽ فوٽو اسٽيٽ ڪتاب ۾ هي حاشيو بہ پڙهڻ جهڙو ڪو نہ آهي، مترجم)



ISBN 978-9-6962515-8-3
9 789696 251583

# پڙھندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَڻَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڻَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَڻَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَڻَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَڻَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَڻَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَڻَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَڻَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گـيـتَ بہِ ڄـڻ گـوريـلا آهــن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هـو ٻـوليءَ جي آڙ ڇُپـن ٿا؛

ريـتـيءَ تـي راتـاهـا ڪــن ٿـا، موتـي مَنجهہ پـهـاڙ ڇُپـن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄـڪـلـهہ نـيـلا پـيـلا آهـن؛

گـيـتَ بہِ ڄـڻ گـوريـلا آهــن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻڇاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇاالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)